




# مهراڻ

## موئن جي دڙي جو افسانو

[اسٽيج ناٽڪ]

# مهراڻ

## موئن جي دڙي جو افسانو

[اسٽيج ناٽڪ]

پروفيسر لطف الله بدوي

سهيڙيندڙ

غلام احمد بدوي

ڄامشورو، سنڌ

2023ع

ڪتاب جا سمورا حق واسطا سنڌي ادبي بورڊ وٽ محفوظ آهن

ڇاپو پهريون　　مئي 2023ع　　تعداد 500

هن ڪتاب جي ڪنهن به حصي کي، ناشر کان اڳواٽ حاصل ڪيل اجازت کانسواءِ اليڪٽرانڪ يا ٻئي ڪنهن به طريقي جنهن ۾ اسٽوريج ۽ ريٽريول سسٽم شامل آهي، استعمال نٿو ڪري سگهجي.

قيمت: ٽي سؤ رپيا

(Price: Rs. 300-00)

خريداري لاءِ رابطو:

سنڌي ادبي بورڊ ڪتاب گهر

تلڪ چاڙهي، حيدرآباد سنڌ

(Ph: 022-2633679, Fax: 022-9213422)

Email: sindhiab@yahoo.com

www. Sindhiadabiboard.org www.sindhiadabiboard.net

هيءُ ڪتاب سنڌ جي قومي اداري سنڌي ادبي بورڊ پرنٽنگ پريس ڄامشوري ۾ انچارج مئنيجر ميرزا دبير حسين بيگ ڇپيو ۽ گلبدن جاويد مرزا، سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ ان کي ڇپائي پڌرو ڪيو.



# ڇپائيندڙ پاران

هيءُ ڪتاب ”مهراڻ- موئن جي دڙي جو افسانو“ سنڌي ادب جي شاهڪار صنف ناٽڪ تي مشتمل آهي، جنهن جو تخليقڪار پنهنجي وقت جو وڏو ليکڪ لطف الله بدوي آهي. هن ڪتاب ۾ محترم لطف الله بدوي صاحب سنڌ جي شاندار ۽ ماضيءَ جي شاهوڪار رياست جي حڪومتي درٻار ۽ ان جا مختلف ڪردار، اهڙي ته سهڻي انداز سان، پيرائتي نموني ۾ تخليق ڪيا آهن، جو پڙهندڙ جڏهن هن ناٽڪ کي پڙهڻ شروع ڪندو، ته هُو پنهنجي وجود کي ’موئن جو دڙو‘ جي حڪومتي درٻار جي ماحول ۾ محسوس ڪندو.

ادب جي هن صنف جي اهائي خاصيت آهي جو ناٽڪ ڏسندڙ توڙي پڙهندڙ، ان ماحول جي ڪيفيت کي محسوس ڪري سگهي. اهوئي سبب آهي جو ناٽڪ ماضي توڙي موجوده وقت جي پسنديده صنف ۾ شمار ٿئي ٿو.

سنڌي ادبي بورڊ جي اِها شروع کان ئي ڪوشش رهي آهي ته، افسانوي ادب تي مشتمل اعليٰ درجي جا معياري ڪتاب، اداري طرفان شايع ڪرايا وڃن، ته جيئن سنڌ جي افسانوي ادب ۾ واڌاري ٽيڻ سان گڏوگڏ تاريخ پڻ محفوظ ٿي سگهي. موجوده وقت ۾ بورڊ جي مانواري چيئرمين مخدوم سعيدالزمان ’عاطف‘ صاحب جن جي خاص دلچسپيءَ تحت اداري طرفان نوان ڪتاب شايع ٿي رهيا آهن. خاص ڪري بورڊ جي پبليڪيشن شعبي ۾ سالن کان پيل اڻڇپيل مسودا اوليت جي بنياد تي شايع ڪرائي منظرِ عام تي آڻڻ لاءِ ڪوشان آهن.

هيءُ ڪتاب ”مهراڻ- موئن جي دڙي جو افسانو“ بہ ان سلسلي جي هڪ ڪَڙي آهي، جنهن جو پهريون ڇاپو آءٌ بورڊ جي مانواري چيئرمين جناب مخدوم سعيدالزمان ’عاطف‘ صاحب جن جي سرپرستيءَ ۾، بورڊ طرفان شايع ڪري، سَرهائي محسوس ڪري رهي آهيان.

توقع آهي تہ، سنڌي ادبي بورڊ جي هيءَ ڪاوش افسانوي ادب جي شائقين وٽ مڃتا ماڻيندي.

03- ذوالقعد 1444ھ — گلبدن جاويد مرزا

24- مئي 2023ع — سيڪريٽري

# فهرست

مقدمو — ڊاڪٽر اسد جمال پلي 10
ٻه اکر — غلام احمد لطف الله بدوي 15
❊ ائڪٽ- 1 .................... 22
❊ ائڪٽ-2 .................... 34
❊ ائڪٽ-3 .................... 45
❊ ائڪٽ-4 .................... 60
❊ ائڪٽ-5 .................... 74

ڊاڪٽر اسد جمال پلي
عمرڪوٽ

# مقدمو

سنڌي ادب ۾ هڪڙو دور ناٽڪن ۽ ڊرامن جي عروج جو دور هو. هيءُ دور انگريزن جي حڪمراني ۾ شروع ٿيو ۽ پاڪستان جي ابتدائي ڏهاڪن تائين ان جو خوب چرچو رهيو. ادب ۾ هن صنف کي نه صرف تحريري طور پڙهيو ويندو هو. پر ان کي اسٽيج تي پڻ پيش ڪيو ويندو هو. اسٽيج تي ناٽڪ ۽ ڊراما، ناٽڪ منڊلين ۽ ڊراماٽڪ سوسائٽين جي معرفت پيش ڪبا هئا، ليکڪ جو ڪم صرف تحرير ڪرڻ هو ۽ ان جو عملي ڏيک منڊلين ۽ سوسائٽين جو ڪم هو. ڪجهه ليکڪ هي ڪم پنهنجي سر به سرانجام ڏيندا هئا. ناٽڪ يا ڊراما پيش ڪرڻ لاءِ اسٽيج تي وڏي محنت ڪرڻي پوندي هئي، جنهن لاءِ وري مختلف ڪردارن جي عملي مظاهري لاءِ مناسب اداڪار پنهنجي فن جو مظاهرو ڪندا هئا. هنن منڊلين ۽ سوسائٽين کي هلائڻ وارو جيڪو انهن جو اڳواڻ هوندو هو. اهو پروڊيوسر هوندو هو. پروڊيوسر جو ڪم اسٽيج جي سڄي جهان کي سنڀالڻ ۽ ناٽڪ جي ڪردارن مطابق هلائڻ هو. هو اسٽيج کي منظر يا ڏيک (Scene) جي ضرورت مطابق تيار ڪندو هو. مثال طور ڪنهن بادشاهه جي دربار جو سين آهي ته ان جي تياري بادشاهي ساز و سامان سان ٿيندي جنهن ۾ نوڪر، چاڪر، تخت، ڪرسيون، هٿياربند، اميراءُ، ويس وڳا، آدابن جا اعلان وغيره. اگر ڪنهن باغ بستان جو نظارو (Scene) آهي ته پوءِ ديوارن ۽ پردن تي وڻن ٻوٽن جا فوٽو گملن ۽



گلدانن ۾ ٻوڪيل ننڍا ٻوٽا ۽ وڻ، پکين جا فوٽو ۽ ماڊل، پاڻي جي نظاري وارا فوٽو وغيره موجود ڪبا هئا. صوتي اثرات به انهيءَ ماحول جا ڏبا هئا. هن سڄي ڪم تي پروڊيوسر جي نظر، ڊائريڪٽر جي پچ ڊُڪ، اداڪارن جي فن جو مظاهرو ۽ ڪجهه نظارن ۾ وري راڳ رنگ ۽ ڪهاڻيءَ جي تقاضا مطابق شاعري پڻ شامل ڪبي هئي. ڪهاڻي ڪي تاريخي موضوعن کان وٺي، سماجي ۽ سياسي مسئلن تائين لکبو هو. هنن ڪهاڻين ۾ پيار محبت، اخلاق، جرئت، بهادري سان گڏ مذهبي ۽ ناصحانه موضوع هوندا هئا. انقلاب ۽ جدوجهد جا موضوع به شامل ڪبا هئا. تعليم لاءِ جستجو به اهم موضوع هو ته لوڪ ڪهاڻين ۽ نيم تاريخي عشقيه داستان تي به ڊراما ۽ ناٽڪ ڪبا هئا.

ڊراما يا ناٽڪ پيش ڪرڻ لاءِ وڏي سرمايي جي ضرورت پوندي هئي، لڳ ڀڳ هڪ سوسائٽي جي 30 کن افراد جو ذريعه روزگار به اهوئي هو. شروع جي زماني ۾ ائين هوندو هو ته منڊليون ۽ سوسائٽيون پنهنجا ساز سامان کڻي مهيني کن لاءِ وڃي هڪ شهر جي ٻاهران ديرو ڄمائيندا هئا. ان جا اشتهار ۽ هوڪا ڏبا هئا ته "هيترن ڏينهن لاءِ هن شهر ۾ هيءُ منڊلي فلاڻو ناٽڪ پيش ڪندي" پوءِ اهو ناٽڪ ڏسڻ لاءِ تماشائي اچي ٽڪيٽ وٺي شريڪ ٿيندا هئا. انهيءَ ٽڪيٽ جا پئسا ئي آمدني جو ذريعو هوندا هئا.

ناٽڪن ۽ ڊرامن ۾ اسٽيج تي اصل ڪهاڻيءَ سان گڏ ٻه عنصر ٻيا به هوندا هئا. هڪ مسخري يا طنز و مزاح جو ۽ ٻيو موسيقي جو. ڪڏهن ڪڏهن هڪ منظر کان پوءِ ٻئي منظر لاءِ اسٽيج کي تيار ڪرڻ واري وقت ۾ هي عنصر ڪم ايندا هئا. ڪي

مسخرا ۽ راڳائي ته انهن منڊلين جا ماهوار پگهاردار هوندا هئا. اهڙي طرح ڪجهه وقت هڪ شهر ۾ گذاري منڊلين وارا وري 'لڏو' کڻي ٻئي شهر ڏانهن اُسهندا هئا. ائين ناٽڪ ۽ ڊراما مختلف شهرن ۾ پيش ٿيندا هئا.

آهستي آهستي وقت سان گڏ انهن منڊلين ۽ سوسائٽين وارن مختلف شهرن ڪي پنهنجو مستقل ٺڪاڻو ناهيو. پنهنجا مختلف شهرن ۾ هال ٺهرايا ۽ مستقل ٿئيٽر (Theater) ناهيوهي ٿئيٽر هال ئي هئا جن اڳتي هلي سئنيمائن ڪي وجود ۾ آندو. سئنيمائون اُهي بلڊنگون هيون جن ۾ اُهي ڊراما پيش ٿيندا هئا. مگر هاڻي مشينري جو دؤر هو. انهيءَ ڪري ڊرامن يا ناٽڪن جي سڌو (Live) پيش ڪرڻ بجاءِ 'رڪارڊنگ' پيش ڪئي ويندي هئي. سهولت اها ٿي پئي ته هڪ دفعو رڪارڊ ڪيل کيل يا ڊرامو ۽ ناٽڪ جيڪو هاڻي فلم (Film) سڏجڻ ۾ آيو پروجيڪٽر ذريعي مختلف شهرن ۾ ڏسي سگهبو هو. اها فلم کهڙي به زبان ۾ ڪٿي به ٺهي رڪارڊنگ واري ريل کڻي، ڪنهن به سئنيما گهر ۾ پيش ڪري سگهبي هئي. ڪن سئنيما هالن ڪي ڇتيون ڪونه هونديون هيون ته انهن ڪي (Open air Cinema) يا (Theater) سڏبو هو. ڪن سئنيمائن ۾ سيٽن بجاءِ ماڻهو پنهنجي گاڏن ۾ ئي ويٺا سامهون لڳل وڏن پردن تي هلندڙ فلمون ڏسي سگهندا هئا. شروع ۾ سئنيمائن ۾ ڪاريون (Black & White) فلمون هلنديون ۽ بعد ۾ رنگين فلمن جو دور آيو.

سئنيمائن جي ماحول ۾ ڪي منفي عنصر به شامل هوندا هئا. جيئن سني ۽ نئين فلم جون ٽڪيٽون بليڪ (وڌيڪ اگهه) تي



وڪامنديون هيون. هن بليڪ ميلنگ لاءِ مقامي محلن جا ڪي غنڊه ۽ داداگير خاص طور سئنيما تي رکيا هئا. اهي ٿلها متارا همراه مُڇن کي تيل هڻي، ڪلف لڳل ڪپڙا پائي، ڏنڊو هٿ ۾ کڻي، ٽڪيٽن واري دريءَ جي اردگرد چڪر لڳائيندا هئا. ڪو آفيسر يا وڏو ماڻهو ايندو هو ته يڪدم ان جا گارڊ ٿي ويندا هئا. ساڳي وقت انهن جي ٻي ٽيم ۾ وري جيب ڪترا به هوندا هئا جن کي به هي دادا تحفظ ڏيندا هئا. سنڌن ڇوڪرا وري فلم جي وقفي (Break) ۾ ڪولڊ ڊرنڪ، پان سوپاريون، ڇولا (ڇٽا) ۽ فروٽ به وڪڻندا هئا. ساڳي طرح ٿيئٽرن ۾ به اهڙيون منفي ڳالهيون مروج هونديون هيون.

وقت جي رفتار ڪي ڪنهن به. ڪڏهن به ڪمند وڏو ئي نه آهي، ويجهي دور ۾ انهن منڊلين ۽ سوسائٽين جو ڪم ريڊيو ۽ بعد ۾ ٽيليويزن تي نشر ٿيڻ شروع ٿيو. هنن تبديلين ڊرامن ۽ ناٽڪن جي ليکڪن ۾ به تبديلي آندي ۽ هنن ريڊيو ۽ ٽيليويزن جي تقاضائن مطابق لکڻ شروع ڪيو. هن پيچ ڊوڙ جي جهان ۾ فلمن ٺاهڻ لاءِ جيڪي اسٽوڊيو ٺاهيا ويا. آهستي آهستي اُهي به بيروزگار ٿيندا ويا. هن وقت ته سڄو ذمو ٽيليويزن جي اسٽوڊيو پنهنجي سر کڻي ورتو آهي. ڪجهه نظارا ٻاهران، باغن، ميدانن ۽ بازارن مان ڪئمرا جي اک ۾ محفوظ ڪري ۽ باقي اسٽوڊيو رڪارڊنگ شامل ڪري ڊراما تيار ڪن ٿا. ڪي ڊراما ۽ ناٽڪ هڪ نشست ۾ ته ڪي قسطوار هلائجن ٿا. هيءُ في الحال جي صورتحال اڳتي هلي ڪئين شڪليون وٺندي جنهن جو مظهر پوري ناٽڪ منڊلي بجاءِ هن دور جو ون مئن شو (One Man Show) يا ٽڪ ٽاڪ (Tik Tok) شو آهي. تيزيءَ سان تبديل ٿيندڙ هن ٽيڪنالاجي جي دور

۾ ٽانگن، بگين ۽ اسٽيجن تي پردن واري وقت کان وٺي ڪيترين ئي تبديليون آيون آهن يا ترقي ٿي آهي پر جيڪا ڳالهه مستقل رهي آهي اُهو آهي ناٽڪ نويس يا ڊرامانويس. اڳي اداڪار کي مڪالما ياد ڪرڻا پوندا هئا پر هاڻي سائونڊ ڊبنگ (Sound Dubbing) ان کي آسان بنائي ڇڏيو آهي. حيرت جي حد آهي جو نظارا، ٻولي ۽ اداڪار هڪ ملڪ جا ۽ سائونڊ ڊبنگ ذريعي نشريات ٻي ٻولي ۾، ضرورت صرف ترجمه نگار يا ليکڪ جي باقي سڀ ڪم ٽيڪنالاجي جو آهي.

اها ٻي ڳالهه آهي جو جيترا اسان وٽ اڳئين دور ۾ ناٽڪن ۽ ڊرامن جا ليکڪ هئا اوترا هاڻ ناهن. هن وقت ٻه جيڪي ليکڪ آهن انهن جا ناٽڪ ۽ ڊراما براڊ ڪاسٽ ته ٿين پيا. پر رسالن ۽ ڪتابن جي صورت ۾ شايع بلڪل ڪونه پيا ٿين.

اشاعت جي هن فقدان واري دور ۾ سنڌي ادبي بورڊ پنهنجي هن دور جي اشاعتي پروگرام ۾ هيءُ ناٽڪ 'مهراڻ' شايع ڪرڻ جو فيصلو ڪري وڏو اهم ڪم ڪيو آهي، جڻ ته بيٺل پاڻيءَ جي تلاءُ ۾ پٿر اُڇلايو آهي. هيءُ ناٽڪ پنهنجي پلاٽ، ڪردارن، منظرڪشي ۽ ٻوليءَ ۾ تمام سهڻو ناٽڪ آهي، ڪٿي جو هن کي هڪ روايتي ڪهاڻيءَ طور موهن جي دڙي سان سلهاڙيو ويو آهي. پر جهڙي طرح ڀنڀور کي سسئي پنهون جي داستان سبب شهرت آهي، عمرڪوٽ کي عمرمارئي جي داستان جي نسبت سان سڃاتو وڃي ٿو. هن ۾ ناٽڪ ۾ اهڙي ڪا به ڪهاڻي نه آهي جنهن جو تعلق موهن جي دڙي سان هجي. بلڪ اسان کي موئن جي دڙي جي آبادي واري دور جي ڪا به ڪهاڻي يا حال احوال معلوم ٿيو نه آهي سواءِ آثارن جي. هيءُ



هڪ خاص ثقافت ۽ خاص وقت سان منسلڪ ڪهاڻي آهي.

هن ناٽڪ جي ڪردارن ۾ 'مهراڻ' کي موهن جي دڙي جو بادشاهه ڄاڻايو ويو آهي. سڪند سندس وزيراعليٰ آهي، ڪمار ۽ ڪنول مهراڻ بادشاهه جا ملازم آهن. اهڙي طرح 'چنتا' هڪ وئيشا آهي ۽ سندرا خانه بدوش نينگري آهي ۽ ڪملا وري داسي آهي.

ڪهاڻي جو مرڪزي خيال اهو آهي ته هڪ رشي ديوتائن جو خيال بادشاهه کي ٻڌائي ٿو ۽ هڪ صوف سندس حوالي ڪري ٿو ته هيءُ صوف کائڻ سان توهان امر (سدا حيات) بنجي ويندا ۽ توهان کي موت نه ايندو. بادشاهه اهو سداحيات وارو صوف پنهنجي راڻيءَ کي ڏنو ته جيئن سندس حسن ۽ جمال کي دوام ملي. راڻي وري اهو صوف محلات جي هڪ نوجوان (ڪمار) کي ڏنو جنهن جي سونهن ۽ جوانيءَ تي راڻي فدا هئي. ڪمار وٽان اهو صوف هڪ وئيشا چنتا کي ملي ٿو، جيڪا ڪمار کي پسند هئي جيڪا وري اهو تحفو بادشاهه سلامت لاءِ آڻي ٿي انهيءَ عقيدت سان ته هن مهربان بادشاهه جو سايو سدائين سندس عوام مٿان رهي. بادشاهه اهو صوف ڏسي پنهنجي راڻي جي بي وفائي تي صدمي ۾ اچي ٿو. ان صدمي ۾ سندس جان وڃي ٿي ۽ ناٽڪ جي هن آخري سين (Scene) ۾ هڪٻئي پٺيان سڀ پاڻ کي ڇُريءَ سان ختم ڪندا وڃن ٿا. ڪهاڻي جي آخر ۾ ناٽڪ ڏسندڙ کي سبق ملي ٿو ته توهان جيڪي وفائن جون قربانيون ڏيو ٿا اُهي بي وفائن جي وهڪري ۾ لڙهي وڃن ٿيون. هي ناٽڪ بدوي صاحب هاءِ اسڪول شڪارپور جي ڊراماٽڪ سوسائٽي لاءِ لکيو هو، جيڪو اسٽيج تي پيش پڻ ٿيو ۽ نهايت مقبول پڻ ٿيو.

محترم لطف الله بدوي صاحب سنڌي ادب ۾ ڀيو ته گهڻو ڪجهه لکيو پر سندس ناٽڪن ۽ ڊرامن جو معلوم تعداد ٻه 12 آهي. سندس ادبي قد پنهنجي دور جي اديبن ۾ مقبول ۽ متاثهون هو، سندس ٻولي شاندار، مشاهدو وسيع ۽ مطالعو گهڻو آهي. سندس جيڪي ٻه ڊراما اسٽيج تي نشر ٿيا، نهايت ئي مشهور ۽ مقبول ٿيا.

محترم لطف الله بدوي صاحب پنهنجي ناٽڪن ۽ ڊرامن کي ڪنهن هڪ موضوع تائين محدود نه ڪيو بلڪ مختلف عنوانن سان جدا جدا موضوعن سان نباهيو. يقيناً سنڌي ادبي بورڊ جو چيئرمين محترم مخدوم سعيدالزمان ’عاطف‘ صاحب ۽ پبليڪيشن ڪميٽي جا اراڪين مبارڪباد جا مستحق آهن جن هن وساريل صنف کي ٻيهر نروار ڪري نه صرف محترم لطف الله بدوي صاحب جي ياد کي تازو ڪيو آهي پر سنڌي ادب جي اهم خدمت پڻ ڪئي آهي.

# ٻه اکر

هيءُ اسٽيج ناٽڪ ”مهراڻ“ سنڌ جي مايه ناز اديب پروفيسر لطف الله بدوي صاحب جي عظيم قلم جي تخليق آهي جو 1940ع ۾ گورنمينٽ هاءِ اسڪول شڪارپور جي ڊرامٽڪ سوسائٽيءَ لاءِ لکيو ويو هو. جنهن کي ساڳي سال اسٽيج تي پيش ڪيو ويو. هن ڊرامي جي هيئت ۽ افاديت کي ڏسي ماهرن ۽ نقادن جي راءِ هئي ته اهڙو ڊرامو شڪارپور اڳ ڪڏهن به پيش ڪري نه سگهي آهي. هن ڊرامي جي ڪهاڻي نرالي آهي، جا سنڌ جي ثقافت تي مبني آهي. ”مئن جي دڙي“ جي عظمت جو نشان آهي، جنهن جي ياد تازي ٿئي ٿي. ”مئن جو دڙو“ جو اڄ پنهنجي زندگيءَ جي بهارن کان بي نصيب آهي. اُن وقت جي دنيا جي تهذيب ۽ تمدن جو علمبردار هو. سنڌ جي ان قديم شاهن جو هيءُ آرام گاهه هو جن کان دنيا تهذيب ۽ تمدن جو سبق حاصل ڪيو هو. هن قديم انساني بستيءَ ۾ ”مهراڻ“ نالي هڪ راجا راڄ ڪندو هو. سندس بي دا غ حسن ۽ جواني، انسانيت جي لاءِ فخر جو باعث هو. سندس محل هڪ راز محرم کان خالي هو. آسپاس جي راجائن چاهيو ٿي، ته پنهنجون راجڪماريون پيش ڪن، پر مهراڻ جي بي اعتنائيءَ کي ڏسي نااميد رهجي ويا. هڪ ڏينهن سانوڻ جون پُر شور ۽ طوفاني بارش ۽ هوائن کان سندس طبيعت بيقرار ٿي اُٿي ته اوچتو، هڪ حسين ۽ جميل نينگر محلات ۾ داخل ٿي. سندس

جسم تي ڪپڙا ڦاٽل هئا، جي برسات جي پاڻيءَ ۾ پڳل هئا، سندس سيمين جسم جي جهلڪ نمايان ٿي ڏٺي، سندس چهرو ڪنول جي گل کان بہ زياده شاداب ۽ شگفتہ ٿي ڏٺو. ظاهر ۾ هوءَ خانہ بدوش هئي، پر مهراڻ کيس آسمان تان آيل رَتَ تي ڪا حور زمين تي لهي آيل ٿي سمجهي. هن واڪو ڪري چيو تہ هيءَ خانہ بدوش سندس ويران محلات جو زيب ۽ زينت بڻجي سگهي ٿي. اهڙي طرح پونرو ڪنول جي گل ۾ پناهہ ڳولهڻ لاءِ وڃي پهتو.

سندرا کي محلات ۾ آئي عرصو گذريو، هيءَ خانہ بدوش ڇوڪري سنڌو ندي کان وٺي اجين تائين راڻي بڻجي چڪي هئي. راجا جي حالت اهڙي اچي بڻي هئي، جو هو پنهنجي محلات جي چوديواري ۾ مقيد ٿي ويو هو. هينئر هن شمع تي پتنگي جي جلڻ کي سمجهيو هو. ڪيترن ڏينهن کان پوءِ شاهي دربار جو بندوبست ٿي رهيو هو. مهراڻ حڪومت جا مسئلا ئي حل ٿي ڪيا تہ هڪ رشي دربار جي اندر داخل ٿيو. سندس چهري مان هيبت نمايان هئي. چوڻ لڳو: مهاراج، ديوتائن جو حڪم آهي، تہ مان توکي اَمر بڻايان. ان لاءِ هن هڪ صوف جهوليءَ مان ڪڍي راجا جي تخت تي رکيو ۽ چيو تہ هن جي کائڻ سان موت نہ ايندو ۽ هميشہ جواني رهندي. رِشي صوف ڇڏيندي موٽيو ۽ نگاهن کان غائب ٿي ويو. مهراڻ صوف کڻي محلات ۾ آيو. هو سندرا جي حسن ۽ دلڪشيءَ کان متاثر هو ۽ کيس هميشہ حسين ۽ جاذب ڏسڻ ٿي گهربائين. هن قبا مان صوف ڪڍي راڻيءَ کي ڏنو ۽ کيس چيو تہ هيءُ ديوتائن جو تحفو آهي ۽ تنهنجي لاءِ ئي موزون آهي. راڻي سندرا، جا محلات جي هڪ نوجوان خادم ڪمار جي سونهن ۽ جوانيءَ تي چَڪن هئي، تنهن کي



هيءُ غير فاني ميوو ڏنو. ڪمار فطرتاً نيڪ سيرت ۽ ايماندار هو. هو حالات کان مجبور ٿي محلات ڪي خير باد چئي جهنگ جو راهي ٿيو، ان لاءِ تہ راز، راز رهي. جيئن مهاراج کي ڪانئس ڪو صدمو نہ رسي! رستي ۾ اَن جي ملاقات هڪ وئيشا چنتا مٽي سان ٿئي ٿي. ان جي حسن ۽ سوڀيا کي ڏسي صوف کيس ڏئي ٿو ۽ پاڻ هن دنيا جي مڪاريءَ کان ايترو تہ بيزار ٿئي ٿو، جو پنهنجون اکيون پنهنجي هٿن سان اَنڌيون ڪري ٿو. وئشيا ان معمي کي سمجهي نہ ٿي سگهي ۽ صوف ملڪ جي هر دل عزيز راجا وٽ نِئي ٿي. راجا هيءُ صوف ڏسي تعجب ۾ اچي وڃي ٿو، کيس اعتبار نٿو اچي تہ سندس راڻي هن بي بها تحفي جي هيئن بيقدري ڪندي! مٿس روحاني عذاب طاري ٿئي ٿو. محلات ۾ سندرا کي جڏهن خبر پوي ٿي تہ صوف وري راجا جي هٿ ۾ آهي. هن سمجهيو تہ ڪمار منهنجي سموري روش کان ضرور آگاهہ ڪيو هوندو. ان عذاب کان نجات حاصل ڪرڻ کان اڳ هيري جي ڪٽي ڪائي پاڻ کي ختم ڪري ٿي. راجا بيزار ٿي جهنگ ۾ هليو وڃي ٿو. جتان سندس وزير ۽ امير کيس ان شرط تي واپس وٺي اچي ٿو، تہ هو ان وئشيا چنتا مٽي کي راڻي بڻائيندو.

چنتا کي محلات ۾ آئي چڱو عرصو گذريو هو. هو پنهنجي زندگيءَ جي هن ناگهاني تبديلي تي حيران ٿي ويندي هئي، کيس خواب ۽ خيال ۾ بہ نہ هو تہ جا هڪ ميري غليظ پاڻيءَ وانگر ميري ٿي چڪي هئي ان ۾ نيڪيءَ جون لهريون اٿنديون ۽ صداقت جي بلندي پيدا ٿيندي. هو باوفا ۽ باشعور بڻجي پئي.

وقت گذرندو رهيو. هڪ ڏينهن مهراڻ شڪار تي تيار ٿيو.

چنتا پنهنجي راجا کي محلات جي دروازي کان موڪلايو. راجا جي وڃڻ کان پوءِ محلات جي هر شيءِ ڪيس اُداس ٿي لڳي. سندس من ۾ عجيب قسم جا وهم ٿي اُٿيا. ڪيس خبر هئي ته راجا جلد ئي واپس موٽي ايندو مگر انتظار جون گهڙيون ڪيس ڳاريندڙيون رهيون. راجا، جيڪو عورت جي وفا کان ستايل هو، چنتا کي آزمائڻ ٿي گهريو. اِهو ڪم پنهنجي هڪ خاص خادم ”ڪمل“ تي رکيو. جنهن هرڻ جي خون سان تر راجا جي قبا کڻي اچي راڻيءَ کي ٻڌايو ته راجا شينهن سان وڙهندي ختم ٿي ويو. چنتا تي قيامت ٽُٽي پئي. هوءَ خاموشيءَ سان ڪمري ۾ ويئي ۽ پنهنجي هٿ ۾ آبدار خنجر کڻي آئي ۽ چيائين اي خادم، تنهنجو اطلاع مون کان قرباني گهري رهيو آهي. محبت جو ثبوت زباني نه پر عملي هوندو آهي. جهڙي ريت موت جو اچڻ اٽل آهي، اهڙيءَ ريت محبت جو اقرار به اٽل آهي. ان کان اڳ جو خادم سندس هٿ کي روڪي هن پاڻ کي خنجر هڻي ڪيرايو ۽ ائين ان وقت راجا محل ۾ داخل ٿيو. چنتا کي خاڪ ۽ خون ۾ ليٽڙندو ڏسي مبهوت ٿي ويو. راجا هن وفا جي پتليءَ کي قربان ٿيندو ڏسي پنهنجي جان به پنهنجي پياري راڻيءَ جي مٿان قربان ڪئي.

هيءَ آهي مختصر ڪهاڻي، جنهن کي ڊرامائي شڪل ڏني ويئي آهي. جنهن کي پڙهندي يا ڏسندي وفا شعاريءَ جي صحيح حقيقت سامهون اچي وڃي ٿي.

ڊرامي جي هيئت جو دارومدار زبان تي آهي. لفظن جي رستي ئي اثر کي ظاهر ڪري سگهجي ٿو. نظم هجي يا نثر، زبان جي يڪسان ضرورت پوي ٿي؛ جيئن ته ڊرامي ۾ موزون خيالات موزون



موقعن تي موزون ماڻهن کان ادا ٿين ٿا. انڪري هڪ ڊراما نگار جي واسطي رڪندڙ الفاظ ۽ دلڪش اصطلاح، موثر محاورا ۽ موزون تمثيلون، انتخاب ڪرڻ گهرجن، جيئن لفظن جو نشيب ۽ فراز تماشبينن کي پاڻ ڏي متوجهه ڪري سگهي . شاعر وانگر، ڊراما نگار کي به زبان ۾ اها طاقت هجي جو هو مختلف لفظن ۾ مختلف نظارن کي سمائي سگهي.

پروفيسر لطف الله بدوي جي سيني ڊرامن ۾ ڊراما نگاريءَ جون ڪي خصوصيتون موجود آهن، اُن جو سبب سندس گهوڙهو مشاهدو هو. پاڻ پنهنجي والد بزرگوار کان متاثر هئا. حاجي امام بخش ’خادم‘ مرحوم شڪارپوري اهو سنڌ جو پهريون مصنف هو، جنهن سنڌي ٻوليءَ کي ڊرامي سان روشناس ڪرايو ۽ ”هير رانجهو“ ڊرامو لکيو، جو غالباً سال 1879ع ۾ لکيو هو.

قبله بدوي صاحب، بلند پايه شاعر، اديب، ڊرامه نگار ۽ سادگي پريل نقاد هو، سنڌي زبان سندس ٿورائتي آهي. افسوس سنڌ وارن سندس قدر نه ڪيو. سنڌي ٻوليءَ ۾ سندس اٽڪل بهترين 12 ڊراما موجود آهن جي هن طرح آهن:

1. دودو چنيسر، 2. مير بهرام خان، 3. ٻيجل، 4. مهراڻ، 5. مومل راڻو، 6. ليلا چنيسر، 7. ٻه راهون، 8. ابو عامر، 9. مجاهد، 10. ٽيپو سلطان، 11. پاڙيسري، 12. سڪندر پورس ۽ انسان.

انشاءَ الله انهن سيني ڊرامن کي يڪجاءِ ڪنو ڪري پيش ڪندس، جن کان يقينن اسان جي سنڌي ٻولي ۽ ادب ۾ هڪ بهترين اضافو ٿيندو.

آخر ۾ اِهو عرض ڪريان ٿو، ته هن ڊرامي کي اسٽيج ڪرڻ

**ڪان اڳ مون کان اجازت وٺڻ ضروري ٿيندي.**

**غلام احمد لطف الله بدوي**

**شڪارپور سنڌ**

1978-8-6ع

# ڪردار

| | |
|---|---|
| مھراڻ: | موئن جي دڙي جو راجا |
| سڪند: | وزيراعظم |
| ڪمار: | مھراڻ جو ملازم |
| ڪنول: | مھراڻ جو ملازم |
| پروھت: | |
| سندرا: | خانہ بدوش نينگري |
| چنتا: | وئشيا |
| ڪملا: | داسي |
| رھگذر، | امير، دربان ۽ چوبدار. |

# حمد

تنھنجي ڪمال جو آ، ھر جا ظھور سائين.

عجز و نياز
منھنجو،
سوز و گداز
منھنجو،
حاصل ھي زندگيءَ جو، مون لاءِ سرور
سائين.

ھي چنڊ ۽ ستارا،
تنھنجا ڏين اِشارا،
ھر شيءِ ۾ جلوه گر آ، تنھنجو ئي نور
سائين.

آ معرفت جو دفتر،
ھرگل جو ورق

خوشتر،

سمجهي نہ اُن کي جيڪو، ان جو قصور

سائين.

# ائڪٽ - 1

## سين - 1

(وزيراعظم ۽ ٻيا مشير ويٺل نظر اچن ٿا)

وزيراعظم: زندگيءَ جو ڪاروان ڪيڏو نہ تيزيءَ سان گذرندو ٿو وڃي. ائين معلوم ٿو ٿئي تہ گذريل وقت هڪ شيرين خواب هو. عيش ۽ غم هڪ نقاش جي تصويرن وانگر هڪٻئي جي پٺيان گذرندو رهي ٿو. دنيا جو نشيب ۽ فراز، درياهہ جي بي خبر لهرين وانگر پيو ڏسجي، جنهن کي سفر ڪرڻ واري ٻيڙيءَ جي ڪابہ سڌ نہ هجي، تہ هوءَ منزل مقصود تي پهتي يا ڪٿي ٽٽي ۽ تباهہ ٿي وئي! راجا ئي هٺ مشهور آهي، ائين نہ ٿئي تہ هن دفعي بہ اَن داتا جو انڪار گنڌار جي دل شڪني سان گڏ، اسان جي اُميدن جو ڏيئو گل نہ ڪري ڇڏي.

پهريون مشير: ڪيتري نہ مايوس ڪندڙ حقيقت آهي! اسان جو وطن، تاج ۽ تخت جي وارث کان محروم رهي، مستقبل جي تباهيءَ کان لرزي رهيو آهي. انساني زندگي چو نہ ڪيڏي بہ مضبوط ۽ پايدار هجي، مگر اُها پنهنجي مقام ۽ منزل کان غير واقف آهي. جنهن شيءِ جو وجود بقا جي درميان رکيو ويو هجي، ان جي سلامتيءَ جو يقين ائين آهي، جيئن

ڪڪ کي تيز هوا ۾ باهه جي پرسان رکيو وڃي. هوا جي جهوٽي کان بيخبر ڪڪ کهڙي ريت شعلي کان پنهنجو بچاءُ ڪري سگهي ٿو!

ٻيو مشير: گنڌار وارن جي دل شڪني جو سوال پنهنجي جاءِ تي آهي. مگر شهر وارن جي مدت کان هيءَ آرزو آهي ته پنهنجي عظيم راجا جي خاندان کي سرسبز ڏسن. جيڪڏهن هن دفعي به راجا هَٺ کان نه لٿو ته يقيناً سندن دليون، اُن ڪنول جي گُل وانگر ڪومائجي وينديون، جنهن کي بهار ۾ بيوقت گرم هوا جي جهوٽي جي اُميد ئي نه هئي.

ٽيون مشير: اُن هوندي به اسان کي اُميد لاهڻ نه گهرجي. اَن داتا انهن سڀني حقيقتن کان پوري ريت واقف آهي. سندس محلات جي ايوان کي راڻين ۽ راج ڪمارين پنهنجي قدمن سان پئي ٿي شرف ڏنو. سنگ مرمر جي سيڙهين کان سندن نازڪ خرامي ڪڏهن به وسري نه ٿي سگهي، ڇا انهن کي وري ڪن قدمن جي احترام جي ضرورت نه آهي.

پهريون مشير: اسان کي پنهنجي وزيراعظم ۾ پوري اُميد آهي ته هو مهاراج کي پنهنجي تدبير سان راضي ڪري سگهندو. هيءُ کهڙي ريت دام ۾ لهي اچي ٿو ۽ ڪبوتر کهڙي ريت ڦاسي پوي ٿو. دام کي ڪلهي تي رکڻ واري کي هن حقيقت جي پوري آگاهي ٿئي ٿي.

وزيراعظم: هن کان اڳ اهڙو مشڪل مسئلو منهنجي سامهون نه آيو آهي.

ٻيو مشير: تدبير جي بلنديءَ جي اُن وقت ئي خبر پوي ٿي، جڏهن



مشڪل به ايڏي ئي بلند ٿئي ٿي.

وزيراعظم: مان اوهان جي راءِ جي قدرداني ڪريان ٿو. معلوم ائين ٿئي ٿو ته پکي پنهنجي آشياني کي ٺاهڻ کان پوءِ مطمئن ٿي ويو آهي. اُن کي ڪهڙي خبر ته آشياني جي آباديءَ لاءِ هڪ اهڙي شيءِ جي ضرورت آهي، جا تنهائيءَ جي لاءِ مسرت ۽ زندگيءَ جي راهه ۾ رفيق ثابت ٿئي ٿو.

ٽيون مشير: اسان اوهان جي ڪاميابيءَ لاءِ دعا گهرنداسون ۽ اُن جشن جي اُميد ٿا رکون، جنهن کان اسان جي شهر کي محروم ٿئي عرصو گذريو آهي.

وزيراعظم: مون کي به اِها ئي اُميد رکڻ گهرجي ته مهاراج، منهنجي راءِ سان متفق ٿيندو، پر جيڪڏهن ائين ٿي نه سگهيو، ته اسان جي ملڪ جي وڏي بدقسمتي شمار ٿيندي.

(پردو ڪِري ٿو)

*

## سين - 2
## مئن جي دڙي ۾ شاهي محلات
(راجا مهراڻ نظر اچي ٿو)

مهراڻ: (پاڻ سان) منهنجي وزيراعظم جي راءِ آهي ته مان پنهنجي زندگيءَ جي تنهائيءَ کي هڪ رفيق حيات جي موجودگيءَ سان معمور ڪيان. صلاح معقول آهي، مگر ملڪ جي انتظام جون جوابداريون ايتريون ته سنگين آهن، جو فراغت جو ملڻ ئي مشڪل آهي. هڪ اجنبي رفيق سان رفاقت جي دم پرڻ لاءِ وقت جي تقسيم ضروري آهي، جا مون لاءِ محال آهي.

(دربان اچي ٿو)

دربان: حضور وزيراعظم در تي حاضر آهي.

مهراڻ: اَچڻ ڏينس. پر ترس ڪمار، وزيراعظم کي منهنجي راحت جو ڪيڏو نه فڪر آهي. هُو هر ڳالهه کي تيزيءَ سان پورو ڪرڻ گهري ٿو. مگر هن کي ڪهڙي خبر ته هر طبيعت جو مذاق پنهنجو پنهنجو آهي. هان دستور اعظم کي سَڏي وٺ.

(وزيراعظم اندر اچي ٿو)

وزير: مهاراج صبح بخير.

مهراڻ: وزيراعظم، مان تنهنجي عقيدت مندي لاءِ خوشيءَ جو



اظهار ڪريان ٿو، جو مون کي تون هر وقت پنهنجا فرائض ياد ڏياريندو رهين ٿو. سلطنت جي وسيع ڪاروبار کان گهبرايل روح کي، تنهنجي مشورن سان سڪون ملندو رهي ٿو.

وزير: مهاراج جي خوشنودي، منهنجي زندگيءَ جي تنها راحت آهي. سج جي روشنيءَ جي هيٺيان رَهي، صبح جي عظمت جو انڪار ڪرڻ، احسان فراموشي نه، پر پنهنجي نابينائيءَ جو اظهار آهي. سج جي تيز گرميءَ کان سائي جو ڳولهڻ فطري آهي، ڪير چاهيندو ته اُن کي گرمي لڳي، ڪائنات جو هر ذرو سج جو محتاج آهي.

مهراڻ: مان تنهنجي خير خواهيءَ کان باخبر آهيان. دستور معظم.

وزير: مان اِنهيءَ کان مطمئن آهيان مهاراج رياست جي پيچيده مسئلن کان هٽي مان ان حقيقت جو وري اظهار ڪريان ٿو، جنهن جو اطلاع حضور ۾ پهچائي چڪو آهيان.

مهراڻ: يعني.

وزير: رات چڪور کي چنڊ ڏانهن اُڏامندو ڏٺم. دور دور اُڏامندو رهيو، اُن پرن جي مُٺ جو پرواز جهڪو ٿي ويو. چنڊ تائين پهچڻ کان محروم رهجي ويو. آسماني قوت جي راز کي معلوم ڪرڻ جي دعويٰ، زمين تي رهڻ واري جي وس کان گهڻو مٿي آهي. مهاراج!

مهراڻ: تو نهايت تڪليف کان ڪم ورتو آهي دستور معظم. مان سمجهان ٿو ته تون ڪهڙي طرف اشارو ڪري رهيو آهين. باغبان با غ جي چمن بندي کان پوري ريت واقف هوندو

آهي، مگر سندس فن جي تڪميل لاءِ فقط فن ڪافي نہ آهي، اُن سان گڏ آبياري ۽ گل جو انتخاب ضروري آهن، مان سمجهان ٿو تہ تو مون کي سمجهيو هوندو دستور معظم.

وزير: ڪجهہ وضاحت جي ضرورت آهي مهاراج؟

مهراڻ: وضاحت! مان هڪ چمن جي آرايش کان فارغ ٿي نہ ٿي سگهيو آهيان، جو ڪنهن ٻئي چمن جي سينگار جو فڪر ڪري سگهان. توکي جو ڪجهہ چوڻو آهي، چئي ڏي. خلوص ۽ نيڪ نيتي جنهن بہ رنگ ۾ هوندا آهن، اُهو بي داغ هوندو آهي.

وزير: مهاراج جو ارشاد بجا آهي. هي محلات، جو هڪ عظيم خاندان جو يادگار آهي، هڪ چراغ جي وسامي وڃڻ کان پوءِ، ٻئي چراغ سان روشن رهندو آيو آهي. چراغ کي روشن رکڻ لاءِ وٽ ۽ تيل جي ضرورت پوي ٿي، جيڪڏهن جوت جاڳائڻ لازمي آهي، تہ هن خير خواهہ جي صلاح کي ضرور قبول ڪيو ويندو.

مهراڻ: چئي ڏي دستور اعظم، مون کي تنهنجي خير خواهيءَ ۾ پورو پورو اعتبار آهي.

وزير: مهاراج! گنڌار جي شهزادي، جنهن جي حسن ۽ جمال جو ذڪر، شاعر جي تخيل لاءِ بي بها مضمون آهي، ان جي رشتي جو پيغام پهچي چُڪو آهي. مان سمجهان ٿو تہ همسايہ ملڪ جي رضامندي، حضور جي سلطنت جي تقويت آهي، ان جو انڪار. اتان جي رهندڙن جي دل



شڪنيءَ جو سبب بڻجي پوندو.

مهراڻ: مون کي گنڌار ۽ ان جي راجڪماريءَ لاءِ احترام آهي، مگر هڪ زندگيءَ کي ٻي زندگيءَ جي رفاقت هيٺ آڻڻ ڪو آسان ڪم نہ آهي. هڪ تعمير کان اڳ ۾ ان جي نقشي تي غور ڪيو ويندو آهي، جيڪڏهن نقش صورت ٿي نہ وٺندو آهي تہ بي ترتيب عمارت، زياده دل شڪنيءَ جو باعث بڻجي پوندي آهي. منهنجي محلات جا در و ديوار ۽ ان جي هر شيءِ، مون کان ان تعمير جي طلب ڪري رهي آهي... (مهراڻ خاموش ٿي وڃي ٿو)

وزير: حضور ڪجهہ فرمائي رهيو هو.

مهراڻ: هان، هڪ غير فاني شمع کي اُجاگر ڪرڻ لاءِ هڪ اهڙي فانوس جي ضرورت آهي جو ان کي روشن رکي سگهي. مون کي اُن ڪمزوريءَ جو احساس آهي.

وزير: هن جو مطلب آهي تہ هن رشتي کي بہ رد فرمايو ٿو وڃي.

مهراڻ: تون مايوس ٿي وٺين دستور معظم! ڪڏهن ائين بہ ٿيندو آهي تہ ناپسند کي بہ پسند ڪيو ويندو آهي، ان جو نالو مجبوري آهي، مگر اُن مجبوري ۾ توکي پنهنجي راجا جي نيڪ نيتي نظر ايندي. ملڪ جي بهبودي مون لاءِ راجڪماري آهي. ان جي موجودگيءَ ۾ ڪنهن ٻي شهزاديءَ جي ضرورت نہ آهي، گنڌار جي راجا کي اُن کان واقف ڪيو وڃي.

*

## سين - 3
## وزير جو محلات
(وزير ۽ سندس رفيق)

مهراڻ: اسان کي وري بہ نااُميد ٿيڻو پيو. مهاراج پنهنجي فيصلي تي اٽل رهيو. ڪيس ملڪ ۽ رعيت جو ايڏو اونو آهي، جو هن پنهنجي زندگي جي هر عيش ۽ راحت کي بہ قربان ڪري ڇڏيو آهي. هڪ بي داغ جواني، پنهنجي پاڪيزگيءَ جو پيغام ڏئي رَهي آهي. ڪنول پاڻيءَ جي مٿان ترندو ڏسي، هر انسان بيخود ٿي وڃي ٿو. مگر دنيا جي هن پُر فريب سطح جي مٿان، هڪ انسان جي ايڏي ڪردار کي ڏسي، خود ديوتائون تعجب ڪائي سگهن ٿا.

پهريون مشير: سندس هن قربانيءَ جي لاءِ، سندس رعيت جي هر فرد کي اقرار آهي، مگر سندس محلات جي اندر جوت جي جاڳرتا ڏسڻ بہ سندس ئي رعيت جي هر فرد جي آرزو آهي.

وزيراعظم: افسوس گنڌار جي قاصد کي بہ نا اميد ٿيڻو پيو. مان اهو بہ سمجهان ٿو تہ سندس انڪار همسايہ حڪومتون پنهنجي توهين سمجهنديون مگر ڪين کهڙي خبر تہ مهراج جي زندگيءَ جو مقصد ڪيڏو نہ اعليٰ آهي. ڪڪرن جو سخا سان پريل پاڻي، زمين کي هڪڙي ئي



طور سان معمور ڪري ٿو. مگر باغ ۾ گل پيدا ٿين ٿا ۽ صحرا ۾ ڪنڊا، راجائي هَٺَ تي ڏڪ ٿئي ٿو. مگر ان جي مقصد تي خوشي، دنيا غم ۽ خوشيءَ جي بنيادن تي تعمير ٿيل آهي، ۽ اسان کي انهيءَ تي تعمير ۾ رهڻو آهي.

(دربان اچي ٿو)

دربان: حضور دروازي تي هڪ ساڌو حاضر آهي، جو اندر اَچڻ جي اجازت گهري ٿو.

وزيراعظم: ساڌوءَ جو هن وقت اچڻ، اگرچ بيوقتي آهي. مگر اُن کي اچڻ ڏينس. شايد ڪيس دانَ جي ترت ضرورت هجي.

(دربان وڃي ٿو ۽ ساڌو اندر اچي ٿو)

ساڌو: مون کي وزيراعظم جي ملاقات جو شرف حاصل آهي؟

وزيراعظم: بيشڪ، تون ، سنڌو جي وزيراعظم جي سامهون بيٺو آهين. توکي جو ڪجهہ چوڻو هجي چئي ڏي. تنهنجي هر آرزو کي پورو ڪيو ويندو.

ساڌو: منهنجي ڪابہ آرزو نہ آهي منتري نہ پيٽ پرڻ جو سوال اٿم، نہ هن جهوني گودڙيءَ کي بدلائڻ جو ارادو. وڻ جي سايہ ۾ ويهڻ وارو، محلات جي هن رنگين ڇَتِ جي هيٺيان رهڻ واري کان زياده قناعت وارو ۽ خوشحال آهي.

وزيراعظم: مون کي معاف ڪيو وڃي، جو مون کي سمجهڻ ۾ غلطي ٿي آهي.

سا ڌو: ڪيتري عرصي کان اسان جو وطن اهڙي ڪشمڪش ۾ مبتلا آهي، جنهن تي اسان کي ڪنهن غم ۽ غصي

جي اظهار ڪرڻ جو ڪوبہ اختيار نہ هو، انساني زندگي ان مها ساگر وانگر آهي، جنهن جي لهرين کي ڪڏهن بہ سڪون نہ آهي، سمنڊ جي لاهہ تي اعتبار آهي تہ چاڙهہ تي ڀروسو، ان ڪري جيڪڏهن ملاح ناتجربيڪار آهي، تہ سندس ٻيڙي ڪڏهن بہ سلامتيءَ سان، ڪناري تي پهچي نہ سگهندي.

وزيراعظم: مان سمجهان ٿو تہ اسان جي مشڪل کان اوهان پوري ريت واقف آهيو، ان جو حل اوهان کان ئي ٿي سگهي ٿو، مان ڏسان ٿو تہ اوهان سان علم ۽ عقل ٻئي رفيق آهن ۽ جتي هنن ٻن جي رفاقت ٿئي ٿي، اُتي ڪابہ مشڪل مشڪل نہ ٿي رهي.

ساڌو: وزيراعظم کي وري بہ غلطي ٿي آهي، هڪ فقير جي شاهي معاملن ۾ ڪهڙي دسترس ٿي سگهي ٿي، سڀاڳو آهي اُهو، جو پنهنجي زندگي دل جي سڪون ۽ آرام سان گذاري سگهي، ڪاش اسان گذاري سگهون!

وزيراعظم: مهاراج.

ساڌو: اسان جي مهاراج کي هڪ اهڙي حقيقت سان محبت آهي، جا راجائن کي غير فاني بڻائي ٿي، صحيح راهہ تي هلڻ واري کي جيڪڏهن اُتان هٽائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي، تہ هُو اوجهڙ هليو ويندو پوءِ پشيمانيءَ کان سواءِ، ٻيو ڪجهہ بہ هٿ نہ ايندو. اوهان پنهنجي تدبير جي ناڪاميءَ تي پريشان آهيو، پر تقدير اوهان تي کلي رهي آهي.



(ساڌو هليو وڃي ٿو)

وزيراعظم: ساڌو کي سڏي وٺ، هن جو دان.

(دربان موٽي وڃي ٿو ۽ اچي عرض ڪري ٿو)

دربان: حضور ساڌوءَ جو ڪٿي بہ نشان نظر نہ آيو، رستو پيچدار بہ نہ هو، سنئون ئي سنئون بہ معلوم ائين ٿئي ٿو تہ کيس پرَ هئا، جن سان هو اُڏامي ويو.

وزيراعظم: شايد هو ڪا غيبي طاقت هجي، جنهن اسان کي ايندڙ واقعن جي روشنيءَ ۾ تنبيهہ ڪئي هجي (ڀهرين مشير ڏانهن منهن ڪري) گنڌار جي قاصد کي مهراج جي فيصلي کان واقف ڪيو وڃي.

*

## سين - 4
## شاهي محلات
(مهراڻ ۽ سندس ملازم ڪمار)

مهراڻ: صبح ڪان جا هير لڳي رهي آهي، اُن مان معلوم ٿئي ٿو تہ بادل آيا ڪي آيا. بهار جي موسم جي آمد ڪيڏي نہ سهائيندڙ ٿئي ٿي.

(اندر وچي اُجهاميل شمع جي مٿان بيهي ٿو)

ڪمار هيڏي اَچ

(ڪمار اچي ٿو)

ڪمار: جي حضور.

مهراڻ: هان ڪمار رات شمع جي چوڌاري ڪيڏو نہ پتنگن جو هجوم هو، بيوقوف جيتَ! وٽن پنهنجي حياتيءَ جو ڪوبہ قدر ۽ قيمت معلوم نہ پئي ٿيو. سندن موت سندن سمجهہ ۽ اِدراڪ جو موت آهي. سندن پيدائش بہ معمولي آهي تہ سندن موت بہ معمولي. ڪين ڪهڙي خبر تہ زندگي ڪيتري نہ اَملهہ شيءِ آهي.

ڪمار: حضور جو ارشاد بجا آهي، مگر مون ڏٺو آهي تہ ادنيٰ درجي جو ڪينئون جڏهن خطري کي قريب سمجهندو آهي، تڏهن ايترو تہ خاموش ٿي ويندو آهي، جو اتان گذرڻ وارو ڪيس مردو ئي شمار ڪندو آهي. هيءَ حياتي



جي لاءِ ئي فريب ڪيو ويندو آهي. مگر پتنگي ڪي نہ پَرَ آهن ۽ پرواز ڪري بہ ڄاڻندو آهي.

مهراڻ: ڪمار مان اُن ڪي چڱي ريت ڄاڻان ٿو، پرواز ڪيس انهيءَ لاءِ ڏنو ويو آهي، تہ ان جو قدر ڪري. نيڪ ۽ بد جو امتياز رکي. هڪ جي قريب وڃي ۽ ٻي ڪان دور رهي (هڪ پتنگ ڪي ڪٽي ٿو) اجهو هي ان جو لاش آهي، پَرَ جليل هڪ طرف آهن ۽ ڪشيده جسم ٻئي طرف. هڪ بي سمجهہ جي حياتيءَ جو انجام اِهو ئي ٿيندو آهي.

ڪمار: حضور مان هن حقيقت جي بابت ڪو بہ مطالعو نہ ڪيو آهي، مگر هن ڪان ڪير انڪار ڪري سگهي ٿو، تہ رات جي اونداهيءَ ۾ شمع جي روشني ٿيندي ئي پروانن جو لاتعداد انداز، سندس چوڌاري اَچي گڏ ٿئي ٿو. سندس ديوانگيءَ جي اِها حد آهي، جو هو شمع تي پاڻ جلائڻ لاءِ هڪ ٻئي ڪان پيش پيش ٿين ٿا. مون ڪي هيءَ خبر آهي، تہ پتنگي ڪان سواءِ ڪنهن ٻئي جيت ڪي، شمع جي شعاع تي جلڻ جي توفيق ئي نہ ڏني وئي آهي. هيءَ حقيقت آهي اِها خصوصيت پتنگي جو ئي ڪردار آهي. هو ئي شمع وانگر جلڻ ڄاڻي ٿو.

مهراڻ: تنهنجي نظر ۾ شمع ۽ پتنگي جو ڪردار هڪ آهي؟

ڪمار: حضور شمع جلي ٿي ۽ هوءَ بہ اُن شي ڪي ڳولهي ٿي، جو جلڻ ڄاڻي ٿو، منهنجي نظر ۾ انساني ڪردار جو هڪ عظيم عڪس آهي، پرستش بہ ان جي ڪئي وڃي ٿي، جو پرستش جي ڪشش رکندڙ آهي.

مهراڻ: هوندو ڪمار، هان پورب جي خوشگوار هوا ۾ ڪابہ گهٽتائي نظر نہ ٿي اَچي، برسات آئي ڪي آئي.

ڪمار: حضور صحيح فرمائي رهيو آهي.

(مهراڻ ٻاهر اچي ٿو)

مهراڻ: هان هو ڪير آهي؟ جو آهستہ آهستہ اچي رهيو آهي. ان جي قدم هان معلوم ٿئي ٿو تہ ڪا عورت آهي. سندس لباس ڦاٽل آهي مگر... هان ڪمار اُن کي روڪينس جيڪڏهن هوءَ ڪا مصيبت زده آهي تہ ان جي تلافي ڪري ڇڏ.

ڪمار: (وڌي ٿو پر عورت قريب اچي ٿي وڃي) اجنبي عورت هيءَ شاهي محلات آهي ۽ هو اسان جو مهاراجا، توکي ڇا چوڻو آهي؟

(مهراڻ وڌي اچي ٿو)

عورت: مان مهاراج کي سلام ڪريان ٿي.

مهراڻ: ترس اجنبي عورت.

عورت: هڪ بدقسمت ۽ خانہ بدوش عورت مان، مهاراج کي ڪهڙو خوف ٿي سگهي ٿو جا ڀٽڪندي، محلات کي سراءِ سمجهي آئي آهي. انهيءَ لاءِ تہ مون کي ٿوري وقت لاءِ اَجهو ملي وڃي.

مهراڻ: تنهنجو نالو ڇا آهي. اجنبي عورت!

عورت: سُندرا.

مهراڻ: سُندرا خانہ بدوش قبيلي جي شهزادي، ڀٽڪندي هن سراءِ ۾ اَجهي ڳولهڻ لاءِ آئي آهي. سُندرا مون کي تنهنجي



لفظن ۾ صداقت گهٽ نظر اچي رهي آهي. ڇا خانہ بدوش قبيلن ۾ اِهڙي معصوم ۽ آسماني ڇهري واريون نينگريون بہ پيدا ٿي سگهن ٿيون؟

سندرا: مهاراج، مبالغي کان ڪم وٺي رهيو آهي.

مهراڻ: تنهنجو راجا نہ شاعر آهي نہ پنڊت. شاعر تصور ۾ هڪ اهڙي صورت ٺاهي ٿو. جنهن جو وجود نہ هجي، مگر دنيا ان جي پويان سرگردان هجي. پنڊت آڪاش جي اُپچرائن جو ذڪر ڪري ٿو. جتي شاعر جو تصور بہ بي نمڪ رهجي وڃي ٿو. مان اُن حقيقت جو اظهار ڪريان ٿو. جنهن کي وجود آهي. نقاش فطرت جو اولين ۽ آخرين نقش آهي.

سُندرا: مهاراج جي لفظن ۾ جو جذبو آهي، مان اُن جي شڪر گذار آهيان.

مهراڻ: انهيءَ کان اڳي جو مان تنهنجي آرام لاءِ محلات جي ڪنهن گوشي کي انتخاب ڪريان، خانہ بدوش قبيلي جي شهزادي! تون سنڌ جي سلطنت جي تاجدار جي ملڪ ٿيڻ لاءِ رضامند ٿي سگهين ٿي. جو تنهنجي مهراڻ جي لاءِ فخر جو سبب ٿي سگهي ٿو، مگر تنهنجي لاءِ هڪ عروج کان نزول ٿي سگهي ٿو.

سندرا: هڪ خانہ بدوش نينگريءَ کي حڪومت ۽حاڪم سان ڪهڙو واسطو. مان سمجهان ٿي تہ مهاراج جو انتخاب ڪو چڱو نہ سمجهيو ويندو. جنهن با غ ۾ هزارين رات جون راڻيون ۽ چنبيليون ڪڙندڙ هجن، اُتي هڪ ڀنهنجو

پاڻ پيدا ٿيندڙ گل جي ڪهڙي پرواھ. جنھن تي رستي کان گذرندڙ راھ روشن جي غبار کان متيءَ جو هڪ تھ چڙهي ويو هجي.

مهراڻ: مهراڻ جي انتخاب کي چڱو سمجهيو وڃي يا بُرو. مان ڄاڻان ٿو تہ هڪ جبل جي تورڻ لاءِ ڪابہ ترازو تي نہ ٿي سگهي. اندازي لڳائڻ وارو فقط اندازو ئي لڳائي سگهي ٿو. هيرو، واري ۽ پٿرن ۾ بند ٿئي ٿو. مگر جوهريءَ جي نظر ۾ پٿر پٿر آهي ۽ هيرو هيرو آهي. جيڪڏهن تنهنجي جواب ۾ انڪار آهي، تہ مان سنڌ جي وسيع سلطنت جي تاجدار هئڻ کان خانہ بدوش قبيلن جي فرد ٿيڻ ۾ فخر سمجهندس.

سندرا: مهاراج!!!

مهراڻ: ڪمار ڊوڙ، وزيراعظم کي آگاھ ڪر، تہ مهراڻ پنهنجي رفاقت لاءِ هڪ اهڙو انتخاب ڪيو آهي، جنهن جو ظاهر نااُميد ڏيندڙ مگر باطن ايترو روشن آهي، جنهن جي روشنيءَ جي مناسبت، فقط شمع سان ٿي سگهي ٿي. جنهن جي چوڌاري پروانن جو هجوم ٿئي ٿو، شمع بہ جلي ٿي ۽ پروانو بہ جلي ٿو.

(ڪمار وڃي ٿو)

(پردو ڪِري ٿو)

# ائڪٽ - 2

## سين - 1

وزيراعظم جو مڪان

وزيراعظم پنهنجي ڪم ۾ مشغول آهي.

(دربان اچي ٿو)

دربان: شاهي قاصد ڪمار دروازي تي حاضر آهي.

وزيراعظم: ڪمار حاضر آهي!

دربان: جي حضور.

وزيراعظم: مهاراج جي خدمت جون مشغوليون اُن کي ايتريون تہ گهٽيون آهن، جو ڪيس ايتري فرصت ڪٿي آهي، جو محلات کان فارغ ٿي سگهي. سندس هينئن بيوقت اچڻ مون کي ڪٽڪي ٿو. اچڻ ڏينس، شايد ڪو شاهي حڪم ايڏو مخفي هجي، جنهن لاءِ ڪمار جي ضرورت محسوس ڪئي وئي هجي.

(دربان وڃي ٿو.)

(ڪمار داخل ٿي سلام ڪري ٿو)

ڪمار: مان وزيراعظم کي شاهي سلام پهچائڻ لاءِ حاضر ٿيو آهيان.

وزيراعظم: ڪمار مان تنهنجي خوش آمديد ٿو ڪريان، مگر مون

ڪي تعجب ٿو ٿئي تہ منھنجي پيغام لاءِ اُن ڪي خصوصيت سان انتخاب ڪيو ويو آهي، جنھن ڪي شاهي حاضريءَ ڪان هڪ لحظي جي فراغت حاصل نہ آهي. مهاراج جي محلات ۾ تنها هجڻ” عاقبت اَنديشيءَ ڪان دور آهي. وفادار ملازم جو جدا ٿيڻ وڏي اهميت ٿو رکي.

ڪمار: مهاراج هاڻي تنها نہ آهي دستور معظم.

وزيراعظم: مان تنھنجي حقيقت نہ سمجهي سگهيو آهيان ڪمار!

ڪمار: اِهو ئي تہ سبب آهي جو مهاراج هن غير معمولي خدمت لاءِ مون ڪي انتخاب ڪيو آهي.

وزيراعظم: اُها ڪهڙي غير معمولي خدمت آهي، جنھن جي تعميل ايڏي تيزيءَ سان ٿي رهي آهي؟ حڪومت جي هر گوشي ۾ آرام آهي رعيت هر وقت مهاراج جي حق ۾، پنھنجي وفاداريءَ جي هر ثبوت ڪي پيش ڪرڻ لاءِ تيار آهي. اهي ئي تہ ڳالهيون آهن جن ڏانهن هڪ عقلمند ۽ محتاط بادشاهہ جي اک اُٿي ويندي آهي.

ڪمار: مون ڪي ان لاءِ بہ اعتراف آهي، تہ رعيت جون آرزوئون مهاراج جي لاءِ سر سبز ٿي چڪيون آهن. ويراني آباديءَ ۾ بدلجي وئي آهي. هاڻي جوت جاڳندي رهندي، پرواني لاءِ هڪ شمع پيدا ٿي چڪي آهي.

وزيراعظم: تنھنجو بيان ايڏو وسيع آهي، جنھن جي حل ڪرڻ لاءِ سڄي ذهن ڪي هڪ مرڪز تي آڻڻو پوندو. معما فراغت جي وقت گذارڻ لاءِ چڱي وندر ٿيندي آهي، مگر



مشغوليت لاءِ وڏو عيب آهي، مان توکي چوندس تہ جيڪڏهن توکي ان راز بابت ڪجهہ معلوم آهي تہ صاف چئي ڏي.

ڪمار: حضور مهاراج اَڄ صبح سان غير معمولي طور تي خوش ٿي نظر آيو. ڪڪرن جي ميڙ ڪي هڪ ٻئي پٺيان اُڏرندو ڏسي، اُنهن جو خير مقدم ڪري رهيو هو، جو اوچتو دروازي ڪان هڪ نوخيز عورت اَندر داخل ٿي، ظاهر ڏسڻ ۾ هوءَ هڪ خانہ بدوش نينگر ٿي نظر آئي، مگر منھنجي خيال ۾ هُوءَ ڪڪرن جي رَٿ تي آسماني حور هئي، جا هيٺ لهي آئي هئي. بلڪل هڪ افساني جي طرح، جو فقط انساني ذهن ڪي خوش ڪرڻ لاءِ ٺاهيو يا گهڙيو ويندو آهي: مگر هيءَ حقيقت آهي تہ مهاراج ڪيس پنھنجو رفيق حيات انتخاب ڪيو آهي. اوهان جي حاضر ٿيڻ تي سندس راڻي هئڻ جو باقاعده اعلان ڪيو ويندو.

وزيراعظم: تعجب!

ڪمار: راجائي هَٺُ آخر وقت جي تبديليءَ جي اڳيان پنھنجي مجبوري ڏيکاري آهي.

وزيراعظم: مگر هن عجيب انقلاب تي اسان ڪي احتياط هٿ ڪان ڇڏڻ نہ گهرجي، هڪ عورت جي لاءِ حسن تنها عظمت جو مقام ٻڻجي نہ ٿو سگهي. اُن ڪي تہ وقت گذرندي ڪيترن لڪيرين، گهُنجن. ڪارن ۽ اڇن مان گذرڻو پوي ٿو، فاني شيءِ ڪي غير فاني لاءِ ڪي ٻيون خصوصيتون

ٿين ٿيون. هيڏي وڏي سلطنت جي راڻيءَ جو مقام ڪا راند نہ آهي، جنهن جي چوسر تي نشان ئي نہ هجي، عقل ۽ سمجهہ جي ضمانيت سان گڏ وفا ۽ مروت جا نشان بہ هئڻ کپن. ممڪن آهي هوءَ هڪ هيرو هجي، مگر ان جي پهرڻ لاءِ ڪنهن سنگتراش اُن ڪي موزون بہ بڻايو آهي؟

ڪمار: مهاراج جو فيصلو آخري آهي. ظاهر ۾ اُن جي تبديلي جو ڪوبہ سبب نظر نٿو اچي، نہ ڪسوٽيءَ جي ضرورت آهي، نہ سنگتراش جي فيصلي جي پابندي. اسان ڪي جلد هلڻ کپي دستور معظم چو تہ اشتياق جو سوار صبر ۽ فرصت جي مفاصلي ڪي جاڻندو ئي نہ آهي.!

(پردو ڪِري ٿو)

❋



## سين - 2
## (شاهي محلات مهراڻ گهمندو نظر اچي ٿو)

مهراڻ: ڪمار ڪي وئي ڪافي وقت گذريو آهي. وزيراعظم جي تاخير جو ظاهر تہ ڪو سبب نظر نہ ٿو اچي، جنهن آرزو جي لاءِ منهنجو ملڪ انتظار ۾ هو، اُهو پورو ٿي رهيو آهي.

(ڪمار اَندر داخل ٿئي ٿو)

تون اَچي وئين ڪمار.

ڪمار: وزيراعظم بہ دروازي تي حاضر آهي.

مهراڻ: هان، اُن جو ئي انتظار هو. اَچڻ ڏينس.

(ڪمار وڃي ٿو وزيراعظم اَندر اچي ٿو)

وزيراعظم: (نوڙي) مهاراج جي ٻول بالا رهي.

مهراڻ: وزيراعظم مان تنهنجو خير مقدم ڪريان ٿو.

وزيراعظم: حضور آرام جي وقت ياد فرمايو آهي.

مهراڻ: هڪ راه ڪي خوش اسلوبي سان طئي ڪرڻ لاءِ، مير ڪاروان جو فرض آهي تہ صبح ۽ شام جي امتياز ڪان سواءِ سندس نگاهون بيدار هئڻ کپن.

وزيراعظم: مهاراج صحيح فرمائي رهيو آهي.

مهراڻ: مير ڪاروان پنهنجي زندگي جي قافلي ڪي اُفق جي حد تائين وٺي وڃڻ ۾ ڪامياب ٿيو آهي. اُن ڪان اڳتي چا

آهي، ان جي بابت ڪنهن بہ غور ۽ فڪر جي ضرورت نہ آهي. انهيءَ حد تي اونداهي شام جي سرخيءَ ڪي پاڻ وٽ لڪائي ڇڏي ٿي تہ صبح جو روشني بہ انهيءَ مقام ڪان ظاهر ٿئي ٿي.

وزيراعظم: حقيقت جو اعتراف آهي مهاراج.

مهراڻ: اِهڙي ريت هيءَ دنيا پنهنجي گردش سان روشني ۽ اونداهي اُفق جي حد تائين پهچائيندي رهي ٿي. اُن ڪان پوءِ ڏسندڙ جي پنهنجي پنهنجي قسمت آهي. علم نجوم جي ماهرن جو تجربو آهي، تہ انسان زندگي جي اوسر بہ افلاڪي آهي. مون ڪي ان جي قابل ٿيڻو پوندو. اسان جي مستقل مزاجي هر ڪم ۾ دخل ڏئي نہ ٿي سگهي، جهڙي ريت رات ۽ ڏينهن جي گردش اٽل آهي، اهڙي ريت انساني حيات جون تبديليون بہ اٽل آهن ڪا طاقت آهي. جا پنهنجي رضائيءَ هلائڻ لاءِ مجبور ڪري ٿي. ان مجبوريءَ جي هيٺ مان توڪي ٻڌائڻ گهران ٿو تہ مان پنهنجي لاءِ حيات جو انتخاب ڪري چڪو آهيان.

وزيراعظم: مهاراج.

مهراڻ: هان اُها آرزو جا منهنجي خير خواهن ڪي بيتاب ڪري رهي هئي، اُن آرزو جي تڪميل ٿي چڪي آهي.

وزيراعظم: مان مبارڪباد عرض ڪري رهيو آهيان. مهاراج جي خوشنودي ۾ هر خير خواهہ جو حصو آهي.

مهراڻ: تنهنجي جواب ۾ سادگي آهي دستور معظم.

وزيراعظم: مهاراج جي انتخاب تي. وڌيڪ وضاحت جي ڪهڙي



ضرورت! سمنڊ جي ساحل تي بيهڻ وارو ان جي لهرين ڪان زياده خوش ٿي سگهي ٿو. انهيءَ ڪان جو اَندر گهڙڻ جي ڪوشش ڪري. ان جي لاتعداد اُٿندڙ لهرن ڪان ان ڪي ايتري فراغت ڪٿان ميسر ٿي سگهندي، جو ان جي منظر ڪان پوري ريت لطف اندوز ٿي سگهي.

مهراڻ: صحيح، مگر هڪ ڪشتي ۾، ملاح سمنڊ جي لهرين جي مٿان بيهي بہ ان جو نظارو ڪري سگهي.

(ڪمار اچي ويو)

ڪمار سندرا ڪي پيغام ڏي تہ تنهنجو تاجدار توڪي ياد ڪري رهيو آهي.

(ڪمار وڃي ٿو)

دستور معظم هڪ خانہ بدوش شهزادي، جا ديوتائن جي رضا سان هن مهل تي آهي، هن محلات جي اندر راڻي ٿي رهندي.

وزيراعظم: مهاراج، شاهي راءِ ڪي تسليم ٿي ڪيو ويندو آهي. اُن سان گڏ هڪ خير خواهہ جو فر ض آهي تہ پنهنجي آقا ڪي حالات جي نشيب ۽ فراز ڪان آگاهہ ڪري. هن محلات جي اندر شاهي خون جي پرورش ٿيندي رهي آهي. هي انهن راجڪمارين جو مقام آهي جي پنهنجي نسلي شرافت ڪان لافاني هستين تي مشڪنديون رهيون آهن. هڪ نامعلوم خانہ بدوش شهزاديءَ ڪي هڪ تاجدار جي رفاقت جي آڻڻ ڪان اڳ ان جي حالات ڪان باخبر ٿيڻ بہ لازمي آهي.

مهراڻ: مون کي تنهنجي وضاحت کان خوشي ٿي آهي دستور معظم، انسانيت جي ڪردار کي بلنديءَ تي پهچائڻ لاءِ تنهنجي نگاهہ فقط راجڪمارين تائين پهچي سگهي ٿي. شايد هي شرف هڪ طبقي تائين محدود آهي ۽ بس پيدائش جي عوامي حق کي جي جوهر بني نوع انسان جو ورثو آهي، هڪ جي حق رسي ٿي رهي آهي، ۽ ٻئي جي حق تلفي. هن امتياز کي محسوس ڪندي مان سوچي رهيو آهيان، تہ چو سياري جي چانڊوڪي رات کي نظر انداز ڪيو ويندو آهي. مگر چنڊ جي روشني اونهاري جي رات کي بہ تہ ايترو ئي دلفريب بڻائي ٿي.

وزيراعظم: حضور جو هر لفظ بجا آهي مگر..

مهراڻ: هان چئي ڏي دستور معظم، توکي پنهنجي فرض جي اَدائي ۾ ڪوتاهي نہ ڪرڻ گهرجي.

وزيراعظم: حضور فطرت جي هر ڪاروائي کي پنهنجو مقام ۽ منزل آهي. چنڊ هر موسم ۾ چنڊ آهي مگر اُن جي دلفريبي ڏسڻ لاءِ وقت ۽ موقعي جي ضرورت پوي ٿي. سياري جي رات ۾ جڏهن سردي کان بدن لرزي اُٿي ٿو، تڏهن ڪنهن کي پئي آهي تہ ٻاهر نڪري. اُن جي منظر کي نهاري سگهي. هيءُ امتياز چنڊ جي روشني جو نہ آهي، مگر ڏسندڙ جو وقت ۽ موقعي لاءِ بحث آهي، اُن هوندي بہ حضور جي راءِ ۾ هڪ خير خواهہ کي ايترو ئي دخل آهي. جيترو هڪ نقش جي نقاش ۽ هڪ ڏسندڙ ۾ ٿئي ٿو.



مهراڻ: توکي پنهنجي راجا جي انتخاب کان مطمئن ٿيڻ گهرجي دستور اعظم، صراف جڏهن ڪسوٽيءَ تي سون کي هٽندو آهي، تڏهن ئي ان کي خبر پوندي آهي تہ اُهو ڪيتري قدر خالص آهي.

(سندرا ۽ ڪمار اندر داخل ٿين ٿا)

سندرا قريب اَچ هيءَ وزيراعظم آهي، هيڏي سلطنت جي سنڀال لاءِ سندس راءِ کي ايترو حق آهي، جيترو هن وسيع محلات جي عظمت کي برقرار رکڻ لاءِ تنهنجي رفاقت.

وزيراعظم: مهاراج جي رفيق حيات کي مان خوش آمديد چوان ٿو.

مهراڻ: اسان جي هن انتخاب جو باقاعدي اعلان ڪيو وڃي، جو ستارن جي گردش يا رمل جي اضطراب کان نہ، مگر اهڙي طاقت جي فيصلي کان ٿيو آهي، جنهن جي لاءِ ڪو نالو تجويز ٿي نہ ٿو سگهي.

وزيراعظم: حضور جي حڪم جي پوري تعميل ڪئي ويندي.

(وزيراعظم سلام ڪري وڃي ٿو.)

(پردو ڪِري ٿو.)

❋

## سين - 3
## (بازار ۾)

هڪ رهگذر: وزيراعظم جي اعلان مان ظاهر ٿئي ٿو ته اسان جي مهاراج پنهنجي رفيق حيات جو انتخاب ڪيو آهي، ان خوشيءَ ڪي ملهائڻ لاءِ شهر جي هر رستي ۽ گهٽي ڪي سينگاريو ويو آهي.

ٻيو رهگذر: اهڙو خوشيءَ جو موقعو سالن ڪان پوءِ ئي ميسر ٿيو آهي.

(هڪ ماڻهن جو ٽولو جمالو ڳائيندو اچي ٿو)

ٽيون رهگذر: ڪيڏو نه خوشيءَ جو سمان آهي، مگر تعجب ٿو ٿئي ته مهاراڻيءَ جي خاندان ۽ وطن جو درٻان جي اعلان ۾ ڪوبه ذڪر نه آهي.

پهريون رهگذر: من ذڪر ڪرڻ جي ضرورت ئي ڪهڙي آهي! جڏهن هيءُ مهاراج جو پنهنجو انتخاب آهي، هڪ تير انداز ڪي پنهنجي شست جو پورو پورو يقين هوندو آهي.

ٻيو رهگذر: تير ڪمان ڪان گذري چڪو آهي، جا شيءِ موٽي نه ٿي سگهي، اُن تي غور ۽ فڪر ڪرڻ هڪ احمق جو شيوو آهي.

ٽيون رهگذر: جو گذري ويو هجي ان ڪي نيڪ نيتيءَ سان سمجهڻ، دانائن جي ريت آهي، مان ته ائين به ٻڌو آهي،



ته مهاراڻي ڪنهن خانه بدوش قبيلي سان واسطو ٿي رکي.

پهريون رهگذر: هوندو دوست، مگر حسن ۽ خوبيءَ ۾ پنهنجو مٽ پاڻ آهي.

ٻيو رهگذر: مان ته ائين به ٻڌو آهي ته هڪ ديوي پيٽڪندي، شاهي محلات ۾ پهتي آهي، مهاراج جي انتخاب ۾ ڪنهن به غلطي جو گمان ٿي نه ٿو سگهي.

(ماڻهن جو هڪ ٽولو نچندو گذري ٿو)

ٽيون رهگذر: اِهي ته سڀ ڳالهيون ٿي سگهن ٿيون، مگر ظاهر سان گڏ باطن به ضروري آهي. بادشاهن لاءِ ضروري آهي ته احتياط ڪي هٿ ڪان نه ڇڏين. جيڪڏهن اهڙيون شيون ارزاه ملي سگهن ٿيون، ته هر محلات خانه بدوش مهاراڻين سان ڀريل نظر اچي ها.

پهريون رهگذر: اسان ڪي انهن ڳالهين تي خاموش گذري وڃڻ کپي. هي هڪ غير معمولي انتخاب آهي دنيا جي اسٽيج تي اهڙا واقعا روزمره نه ٿيندا آهن.

ٻيو رهگذر: تنهنجو چوڻ صحيح آهي. پاڻي ڪيترو به لُڙاٽيل چو نه هجي، مگر ڪنول ان جي مٿان به ڪنول آهي.

ٽيون رهگذر: حقيقت صاف آهي، پنورو به ڪنول تي ايندو آهي. هو جڏهن ان ۾ داخل ٿيندو آهي ته ان جا پن ٻُوٽجي ويندا آهن. ۽ پنوري سان ڇا ٿيندو آهي، ان جي خبر ڪابه پئجي نه سگهندي آهي.

(ناچ ۽ راڳ جي ٽولي سان هيءَ به گڏجي وڃن ٿا)

❊



## سين - 4
## وزيراعظم جو محل
(وزيراعظم ۽ ٻيا اَمير نظر اچن ٿا)

وزيراعظم: طويل عرصو گذريو، مهاراج رياست جي انتظام کان ايترو تہ دور ٿي ويو آهي. جنهن جي هڪ منتظم کان ڪڏهن بہ اُميد رکي نہ ٿي سگهجي. حڪومت جي ڪاروبار جو معطل هجڻ پنهنجي جاءِ تي آهي، مگر درشن گاهہ بہ ويران ٿي چڪو آهي. هر فرد سندس چهري جي ڏسڻ لاءِ بيتاب آهي. فرض شناسي عيش جي پينگهي ۾ لُڏندي هيٺ مٿي ٿي رهي آهي. سندرا جو حسن هڪ مقناطيس آهي جنهن اسان کان محبوب راجا کسي ورتو آهي.

پهريون اَمير: پوءِ تہ اسان کي مهاراڻيءَ کي نہ فقط حسن جو مگر سندس تدبير جو بہ قائل ٿيڻو پوندو. اُها شخصيت جا پريم جي مندر جي هر پٿر کي ٺڪرائي ۽ اڇلائي رهي هئي، اڄ پنهنجي هٿن سان انهن ئي پٿرن کي گڏ ڪري ان جي تعمير ڪري رهي آهي. هيءَ سندس هڪ فاتحانہ ڪارنامو آهي.

ٻيو امير: جڏهن هڪ پياسو شيرين پاڻيءَ جي درياهہ جي مٿان پهچندو آهي، تڏهن سندس خواهش هوندي آهي تہ درياهہ

كان ڏُور نہ رهي.

ٽيون امير: جيڪڏهن گلستان ۾ ايندي، بهار جي عرصي ڪي بلبل، گُل ۽ پنهنجي لاءِ حياتي سمجهي ٿي تہ اِها سندس بي حسي آهي، بهار ڪان پوءِ خزان اٽل آهي.

وزيراعظم: مهاراج جي فرض شناسيءَ ڪان هيءَ زمين چمن بڻجي چڪي آهي. سندس وڏيڪ هڪ نگاهہ اُن ۾ سدا بهار آڻي سگهي ٿي، مگر اُن نگاهہ ڪي هڪ بي اختيار جذبي روڪي ورتو آهي. جنهن جي جوش ۾ اِها اُميد نہ هئي، تہ هڪ بيخوديءَ جو ڪيف بڻجي ويندو. شراب ڇا آهي؟ اِهو ئي نہ تہ سُرت ۽ سالميت موڪلائي وڃي ٿي.

پهريون امير: مگر اسان ڪي هن بيخودي جي نتيجن تي غور ڪرڻ گهرجي. تخت ۽ تاج هزارين شمشيرن جي نوڪن جي سيج تي رکيل آهي. جيڪڏهن اُنهن مان هڪ ڪي بہ احتياط ڪان ڇڏيو وڃي تہ، ان جو عبرتناڪ انجام ٿي سگهي ٿو. تاريخ انهن واقعن سان ڀريل نظر اچي ٿي.

ٻيو امير: جيڪڏهن ماضيءَ جي واقعن جي آئيني ۾ دور انديش اکيون، مستقبل جي نيڪ ۽ بد ڪي ڏسي سگهن ٿيون، تہ انهيءَ ڪان اڳي جو مهاراڻيءَ جي بي داغ شخصيت ڪي نحوست ۽ مهيب داغدار ڪري اسان ڪي، ان جي پاڪ دامن ڪي زياده مقدس بنائڻ گهرجي، اِها ئي اسان جي سچي وفاداري ٿي سگهي ٿي.

پهريون امير: مان وزيراعظم ڪي عرض ڪندس تہ هُو مهاراج ڪي موقعي جي نشيب ۽ فراز ڪان آگاهہ ڪري هڪ هٿ ۾



جيڪڏهن بي اختيار جذبي جو جام آهي، تہ ٻئي هٿ ۾ فرض جي عصا بہ لازمي آهي. اهڙي ريت ٻن هٿن تي جدا جدا شين ڪي وٺي ۽ هلڻ هڪ غير فاني ڪارنامو آهي.

وزيراعظم: مان ان جو واعدو ڪريان ٿو. رعيت جي تمنا هڪ تاجدار جي تمنا آهي ۽ اميد اٿم تہ هيءَ آرزو پوري ئي ٿي رهندي.

(پردو ڪِري ٿو)

*

# ائڪٽ - 3

## سين - 1

شاهي دربار

(درباري ۽ وزيراعظم حاضر آهي)

وزيراعظم: مهاراج دربار ۾ اجهو ڪي اجهو تشريف فرمائي رهيو آهي. هيءَ سڀا، هو سنگهاس اَڄ مرڪي رهيا آهن. ڪيڏو نہ خوشي جو مقام آهي.

1 درباري: مان هن دربار جي طرفان، وزيراعظم جي خلوص جو شڪريہ اَدا ٿو ڪريان، جنهن هن خوشيءَ جي سامان ميسر ڪرڻ جو بندوبست ڪيو آهي. شهر جون گهٽيون مهاراج کي خوش آمديد چوڻ وارن سان سَٿيون پيون آهن. جتان گذريس ٿي اتان ائين پئي محسوس ٿيو تہ راحت جو هڪ درياهہ موجون هڻي رهيو آهي.

2 درباري: حڪومت جي جسم جو تاجدار ئي روح ٿئي ٿو. روح کان سواءِ جسم هڪ بيڪار شيءِ آهي.

(چوبدار اچي ٿو)

چوبدار: خبردار، هوشيار، مهاراج تشريف فرما ٿي رهيو آهي.

(مهراڻ اندر داخل ٿئي ٿو، درٻارين جون گردنون جهڪي وڃن ٿيون، هو تخت تي ويهي ٿو)



گڏيل آواز: مهراج زنده باد.

مهراڻ: دستور معظم.

وزيراعظم: حضور جي تشريف تي خوش آمديد چوان ٿو.

مهراڻ: هن تخت جو وارث، اوهان جي جذبات جو قدر ڪري ٿو. اگرچہ ڪن مجبورين جي باعث دربار کان دور رهيو آهيان. مگر پنهنجي فرض کان غافل نہ هوس دربار جو مقصد آهي دلجوئي. قانون ۽ تاج هڪ شيءِ خيال ڪئي ويندي آهي. جيڪڏهن اُنهن ۾ يڪسانيت آهي. تہ جيئن منهنجي دستور اعظم مون کي ٻڌايو آهي، تہ ملڪ جي هڪ ڪنڊ کان وٺي ٻي ڪنڊ تائين اَمن ۽ امان جو راڄ آهي. گويا قانون تاج جي موجودگي آهي.

وزيراعظم: ان داتا جو فرمان بجا آهي، مگر اُهو رسم ۽ رواج جنهن جو مقصد نيڪ آهي. اُن کي قائم رکڻ ۾ سرخروئي آهي. اُن رسم ۽ رواج جي پابندي هڪ اهڙي دستور جي پابندي آهي، جنهن جي محور تي ڪائنات جو هر ذرو گردش ڪري رهيو آهي. دربار پنهنجي ريت نہ بدلائي آهي نظام شمسي پنهنجي دستور تي قائم آهي.

مهراڻ: اسان کي تنهنجي حقيقت جو اعتراف آهي دستور معظم! اُهو رسم ۽ رواج جو اسان جي آباءُ اجداد وڏي غور ۽ فڪر کان پوءِ قائم ڪيو آهي، واقعي هڪ مجذوب جو ڪارنامو نہ آهي. اها قديم فڪر جي توهين ٿيندي، مگر بادشاهن کي دربار کان سواءِ ڪي ٻيا فرض بہ ٿين ٿا. هاڻ، جنهن مقصد سان اسان هتي گڏ ٿيا

آهيون، اُن جي ڪاروائي ڪي شروع ڪيو وڃي.

1 درباري: مان مهاراج ڪي مهاراڻيءَ جي انتخاب تي سڄي ملڪ جي طرفان مبارڪ باد ڏئي رهيو آهيان.

مهراڻ: اسان جي ملڪ جي هيءَ پراڻي تمنا هئي ته سندن تاجدار هڪ اهڙي ملڪ جو انتخاب ڪري جا اسان جي محلات جي ويراني کي آبادي ۾ تبديل ڪري سگهي. هر گُل جو انتخاب ڪيو ٿي ويو، جيڪڏهن هڪ گل جي ورقن جو رنگ دلڪش هو، ته ٻيو خوشبو ۾ لاجواب هو، هيءَ هڪ اهڙي ڪشمڪش هئي، جنهن جو نتيجو نااُميدي هئي. زهري ۽ مشتري جو انتخاب زمين تي رهڻ واري کان ناممڪن هو. شايد ائين چيو وڃي ته هڪ خانه بدوش عروس جو انتخاب ڪو بهتر انتخاب نه هو، مگر مان ائين سمجهان ٿو ته اوهان جو تاجدار ۽ ملڪ، ڪنهن قديم بزم ۾ شمع ۽ پروانو بڻجي رهيا آهن. جيڪڏهن شمع پنهنجي صورت ورتي آهي، ته پرواني کي گريز ڇا جي؟ هت ڪنهن انتخاب جو سوال ئي نٿو پيدا ٿي سگهي.

(جوڳي دروازي کان داخل ٿئي ٿو، دربان ڪيس روڪي ٿو)

مهراڻ: اچڻ ڏينس نگهبان. هڪ ساڌوءَ کي شاهي دربار ۾ روڪڻ کان ڪهڙو فائدو، سندس جٽائن جا نانگ، انسان سان گڏ رهڻ جا ايترا عادي ٿي ويا آهن، جو منجهن فقط ڪَر ڪڻڻ کان سواءِ ٻي غضبناڪي رهي ئي نه آهي. سندس بدن تي ويڙهيل گلَ تي فقط شينهن جون



لڪيرون ۽ داغ نظر اچن ٿا. انهن ۾ خونخواري جي زندگي جو نشان ڪٿي آهي.

(جوڳي اندر اچي ٿو.)

جوڳي: مان مهاراج کي پرنام ڪريان ٿو.

مهراڻ: ساڌو مان اوهان کي خوش آمديد چوان ٿو.

جوڳي: هن تخت ۽ تاج جي مالڪ کي جو رعيت پرور آهي، ديوتائن جي طرف کان هڪ تحفو ڏيڻ لاءِ حاضر ٿيو آهيان جو غير معمولي آهي. اوهان جي معمور خزاني ۾ ڪنهن وڏيڪ دولت جي ضرورت نه آهي، نه وري اپياس جي لاءِ ڪنهن ٻئي ڪتاب کي اهميت آهي. قانون خدائي فيصلي وانگر موجود آهي، ان جي قائم رکڻ لاءِ، ڪنهن شمشير جي ڪابه گهرج نه آهي. هان.

(صوف کي ڪڍي تخت تي رکي ٿو)

هن سونهري صوف جي ضرورت آهي. جنهن جو ڪائيندڙ اَمر آهي. هيءَ ان آب حيات جي پيدائش آهي. جنهن کي دنيا وارا فقط وهم ۽ خيال سڏيندا آهن. انساني حيات هڪ ميعاد جي محتاج آهي. مگر هيءَ اُن ۾ هڪ غير فاني تبديل آڻڻ واري حقيقت آهي، سدا حيات بخشيندڙ ۽ موت جو باغي آهي. مان هي اوهان کي سپرد ڪريان ٿو، اَن داتا، ته اُن اَٽل شيءِ سان جنهن کي موت سڏيو وڃي ٿو مذاق ڪري سگهي.

(مهراڻ خاموش ٿي وڃي ٿو ۽ درٻارين جا سر جهڪي وڃن ٿا
جوڳي وڃي ٿو)

مهراڻ: نگهبان ڊوڙ، ان ديوتائن جي قاصد کي روڪ خزانن جا دروازا کوليا وڃن، هن غير فاني شيءِ جو قدر ۽ قيمت ڪا معمولي نہ آهي.

(دربان وڃي ٿو)

طلسمي انسان! اُن جي گفتگو ۾ جادو هو، زبانن تي مهر لڳي وئي، ڪيڏي نہ عظمت ۽ شان سان هيءَ غير فاني تحفو چمڪي رهيو آهي. چڻ آڪاش ڪان ڪو ستارو ٽٽي اَچي تخت تي پيو آهي.

(دربان اچي ٿو)

دربان: اَن داتا اُن رَهتي جو ڪٿي بہ نشان ملي نہ سگهيو. معلوم ٿئي ٿو تہ اُن کي پَر هئا، جنهن سان پرواز ڪري ويو.

مهراڻ: عجيب! هن غير فاني تحفي جي ياد ۾ دربار کي برخواست ڪيو وڃي ٿو.

(اُٿي ٿو ۽ دربار برخواست ٿئي ٿي)

❊



## سين - 2

## (شاهي محلات)

## سندرا ۽ ڪمار

سندرا: ڪمار قريب اَچ، مهاراجا اڄ دربار اُسهيو آهي، هيءَ فراغت جي گهڙي گهٽي وقت ڪان پوءِ ميسر ٿي آهي. مان ان حقيقت کي توکي ٻڌائڻ گهران ٿي، جنهن جا اشارا وقت بہ وقت ڏيندي رَهي آهيان. مون کي اعتراف آهي تہ مهاراجا هڪ غبار کي آسمان تي پهچايو آهي. مان چاڻان ٿي تہ اُن جي هٿن ۾ مان هڪ اهڙو رانديڪو آهيان، جنهن سان هو کيڏندو رَهي، مگر جڏهن سندس خواهش ٿي تہ اُن کي پيجي ڇڏي. هڪ خانہ بدوش نينگري، جا آزاد فضا ۾ پلي هجي، ان جي لاءِ هيءَ محلات جي چو ديواري ساکيات بند ۽ قيد آهي. مان ان پکيءَ وانگر آهيان، جنهن جي پَرن کي جدا ڪري پيجري ۾ رکيو ويو هجي.

ڪمار: مان مهاراڻيءَ جي گفتگو کي سمجهي نہ سگهيو آهيان. مهاراج اوهان جي آمد کي وڏي اهميت ڏئي رهيو آهي، سندس سلطنت جي سايہ ۾ رهندڙ هر فرد، هن تبديليءَ کي خوش قسمتي سمجهي رهيو آهي. ايڏي مرتبي تي پهچڻ ڪان پوءِ بہ اوهان ناراض ٿا ڏسجو، منهنجي

فرض جي ادائيءَ لاءِ جي اشارا ٿيندا رهيا آهن. انهن جي تعميل به ٿيندي رهي آهي.

سندرا: ڪمار تو غلط سمجهيو آهي. هڪ جواني ٻي جوانيءَ جي تلاش ڪندي آهي، مان نه ڏٺو آهي ته پکي پنهنجي هم جنس جي رفاقت کان سواءِ ڪڏهن پرواز به ڪندو هجي. مهاراج عمر جي اُن دائري ۾ قدم رکيو آهي، جنهن جي اندر چهري ۾ گهنج ۽ سفيدي جي جهلڪ آهي، منهنجي اُمنگ کي بلندي آهي ۽ هن کي نشيب، ڪيڏو نه مقام جو غلط تناسب آهي. سج مٿي تي اچڻ کان پوءِ غروب ئي تي ويندو آهي.

ڪمار: مهاراڻي اوهان جي گفتگو مان نا اُميدي جهلڪي رهي آهي، حياتي هڪ مختصر وقفو آهي ننڍپڻ جواني ۽ پيري، اُن جون فقط جدا جدا منزلون آهن. هيءَ اُن جو سڀاڳ آهي، جو انهن منزلن کي ماڻي ٿو. شايد اوهان وقت جي رفتار کي تيز ڊوڙندو نه ڏٺو آهي. اُهي گهنج ۽ اُها سفيدي فطرت جي ڪاروائي آهي جنهن کي ڏسندڙ تعجب سان نهاري ٿو ۽ اڳتي هلي ان جو خود شڪار ٿئي ٿو. هرڻ پنهنجي حسين سڱن جي نوڪن کي پاڻي جي چشمي ۾ ڏسي بانورو بڻجي وڃي ٿو، مگر کيس کهڙي خبر ته اِهي پيچ ۽ خم واريون نوڪون خود سندس اجل جو پيغام آهن. اِهو سچ آهي ته فصل تيار ٿيڻ تي ڪاٽيو ويندو آهي، پر ڪنهن بدنصيب زمين جو حاصل ڳسَ به ٿي ويندو آهي. محبت، وقت، شان، فراز ۽



نشيب کان بلند هوندي آهي. اُن هوندي به عمر رسيده ميوي سان ڀريل درخت کي ڇڏي، اُهو ڪهڙو بدقسمت انسان هوندو، جو هڪ نئين لڳايل ٻوٽي سان پيار ڪري، جنهن جي بنياد کي زمين مشڪل سان قبول ڪيو هجي.

سندرا: مان تنهنجي فصاحت کي ٻڌڻ گهران ٿي ڪمار، اِهو ئي سبب آهي جو مان توکي پيار ڪريان ٿي.

ڪمار: هڪ خادم جي سرخروئي لاءِ هن کان وڌيڪ ٻيو ڪهڙو انعام آهي جو منهنجا آقا منهنجي خدمتن کان راضي آهن. صبح ۽ شام جو حڪم جي تعميل لاءِ موجود هجي، جنهن پنهنجي فرض جي ادائيءَ لاءِ سردي ۽ گرمي کي نه نهاريو هجي، اُن جو معاوضو دولت سان نه پر پيار سان ئي ٿيندو آهي مهاراڻي!

سندرا: خادم، ڪمار خادم! نه ڪمار تو غلط چيو آهي. مهاراج ته تنهنجو آقا ٿي سگهي ٿو، مگر سندرا نه. هوءَ ته توکي پيار ڪري ٿي، اُهو پيار جو هڪ غير فاني رشتي ۾ پويل آهي.

ڪمار: مان اوهان کان ڇا ٻڌي رهيو آهيان. هڪ عصمت مآب ملڪ جي زبان کي اِهي لفظ زيب نه ٿا ڏين. شايد نمڪ جي حلال ۽ حرام جو امتحان ٿي رهيو آهي. هڪ خادم کي پنهنجي درجي کان مٿي نه وڃڻ گهرجي. مان ڄاڻان ٿو ته جنهن وفا کي اوهان ڳولهي رهياآهيون، اُن کان ته اوهان به خالي آهيو. مان ڪڏهن به مهاراج جي بستري

ڪي صاف ڪندي نہ نهاريو آهي. انهن لفظن ڪي ٻڌڻ ڪان اڳ مون ڪي ڀوڙو ٿيڻ ڪپندو هو. پاتال ڪان وٺي آڪاش تائين هن پاپ جي گفتگو تي هر ٻڌڻ واري پنهنجي ڪنن ۾ آڱريون ڏنيون هونديون مهاراڻي!

(ٻانهي اچي ٿي)

ٻانهي: مهاراڻي قرنائن جا آواز اچي رهيا آهن، شايد مهاراج اچي رهيو آهي.

سندرا: ڪمار پريم پاپ ۽ پڇ جي عمل ڪان گهڻو مٿي هوندو آهي، مان پنهنجي لفظن ڪي وري بہ دهرايان ٿي. موقعي ملڻ تي مان توکي ثابت ڪري ڏيکاريندس تہ پريم ڇا آهي. مان وڃان ٿي، مهاراج جي اچڻ ڪان اڳ مون ڪي پنهنجي ڪمري ۾ وڃڻ ڪپي.

(پردو ڪِري ٿو)

❋



## سين - 3

## شاهي محل

(سندرا بيٺل نظر اچي ٿي)

مهراڻ: (ڪمري ۾ داخل ٿئي ٿو) سندرا.

سندرا: توهان اچي ويا مهاراج. جهڙي ريت مڇي پاڻيءَ ڪان سواءِ رهي نہ ٿي سگهي، اِهڙي طرح سندرا جو جياپو فقط اوهان جو درشن ئي رهيو آهي.

مهراڻ: ترازو جي پُڙن ڪي يڪسان رکڻ لاءِ هڪ جيتري بار جي ضرورت پوندي آهي، مگر پريم جي ترازو يڪسانيت جي بار ڪان مطمئن نہ آهي، حريص محبتِ اُتل تي اُتل چاهيندي آهي سندرا. هوءَ پاڻ لاحد آهي ۽ لاحد ڪي ئي قبول ڪندي آهي.

سندرا: مهاراج جي قدر افزائيءَ لاءِ شڪريہ اَدا ڪريان ٿي.

مهراڻ: قدر افزائي ۽ شڪريہ! تو شايد منهنجي پريت ۾ گهٽتائي محسوس ڪئي آهي سندرا. قدر افزائيءَ ۽ شڪريہ جي لفظن ۾ ٻيا ئي نظر اچي رَهي آهي. محبت جي ڪردار ۾ ڪنهن لطيف ڪان لطيف جذبي ڪي بہ برداشت ڪرڻ جي گنجائش نہ آهي. هڪ غالب قوت آهي جا ڪائنات جي ٻين قوتن ڪي پاڻ ۾ سمائي ڇڏي ٿي. اُن هيڪڙائي ڪان پوءِ بہ وجود بي معنيٰ شيءِ رهجي وڃن ٿا. پنهنجي وجود

كان رضامند نارضامند هئڻ جو سولائي نہ آهي.

سندرا: مان اِن حقيقت كان پوري ريت واقف آهيان مهاراج. ڏيئي جي روشنيءَ كان فانوس اُجاگر ٿيندو آهي ۽ ڏيئي كي وٽ روشن كندي آهي، اهڙي ريت روشنيءَ جي يكسانيت اقرار آهي ۽ دوئي انكار ان جو ثبوت مهاراج جو پريم آهي، جنهن مون كي آغاز ۽ انجام كان بي پرواهہ كري ڇڏيو آهي.

مهراڻ: ثبوت؟ (صوف كي ٻاهر كڍي سندرا جي سامهون ركي ٿو)

سندرا: هيءُ ڇا آهي مهاراج؟

مهراڻ: محبت جو تحفو.

سندرا: نهايت دلكش! ظاهر ۾ هك معمولي درخت جي پيدائش آهي. مگر اُن جي چمك ٻڌائي ٿي تہ اِها كا غير معمولي شيءِ آهي.

مهراڻ: ديوتائن جي هيءَ عطا آهي. سُندرا. اُنهن غير فاني هستين، هك فاني انسان كي غير فاني بڻائڻ چاهيو آهي، مگر...

سُندرا: مهاراج!

مهراڻ: هان ضمير جي كشمكش جو آواز هو، زندگي كيڏي نہ عزيز آهي ۽ موت كيڏو نہ ڀيانك آهي اَٽل شيءِ كان هر انسان جي دل لرزندي آهي، هيءُ صوف اُن جي تلخيءَ كي هميشہ مٽائڻ واري شيءِ آهي. ديوتائن مون كي امر كرڻ چاهيو آهي، مگر هنن كي كهڙي خبر تہ هك زندگي جي چائنٺ تي ڀيٽ چڙهي چكي آهي. جهڙي ريت هك ول



آڌار كانسواءِ رهي نہ ٿي سگهي، تهڙي ريت تنهنجو مهاراج توكان سواءِ زنده رهي نہ ٿو سگهي، مان هي تحفو تنهنجي سپرد كريان ٿو، تہ جيئن تنهنجي جواني ۽ دلكشي بي داغ رهي.

سندرا: مهاراج جو كجهہ فرمايو آهي،اُن سان هيءَ داسي متفق ٿي نہ ٿي سگهي، منهنجي زندگيءَ كي اهميت كهڙي! جوانيءَ جي خواب ۽ خيال كي عملي دنيا سان كهڙي نسبت! پرواني جي ديوانگي شمع جي روشنيءَ تي مدار ركي ٿي. جيكڏهن شمع گُل ٿي وڃي تہ پرواني جي كابہ وقعت نہ آهي. اِهو تحفو اُن ئي لاءِ آهي، جو اَن داتا آهي. پروانو كير آهي ۽ شمع كير آهي. اُن جو فيصلو منهنجي هيءَ قرباني كندي.

(مهراڻ وڃي ٿو)

سندرا: پاڻ سان) مهاراج سچ فرمايو آهي تہ موت كيڏو نہ ڀيانك ۽ زندگي كيڏي نہ عزيز شيءِ آهي، هيءَ قرباني وڏي اهميت واري آهي. مان هن تحفي جي لائق ٿي نہ ٿي سگهان، جنهن جي اكين كي صداقت جي آواز تي ڳوڙهن وهائڻ جي جرائت نہ هجي، ان جو آب حيات سان كهڙو واسطو. فريب سندرا فريب! هك شينهن جي مقام تي ٻگهڙ كي دعوت ڏيڻ واري سندرا فريب ضمير جي اونداهي ۽ گناهہ جي جستجو ۾ ٺوكرون كائڻ واري سندرا فريب! مون كي ديوتائن جي هن تحفي كان نفرت اچي رهي آهي، شايد هنن منهنجي مذاق اڏائڻ لاءِ هن تحفي كي بڻايو

آهي. محبت جي صحيح قدر ۽ قيمت کان ڪيڏو نه دور پئجي وئي آهيان!

(مٽي کي هٿ ڏيئي زمين تي ويهي رهي ٿي)

سندرا: ڪنهن جي قدمن جو آواز اچي رهيو آهي ڪمار.

(ڪمار اچي ٿو)

ڪمار: مهاراڻي.

سندرا: قريب اَچ ڪمار. مان اُن بدنصيب ڪاٽيءَ مثل آهيان. جنهن کي قافلي وارا پُٺتي جلندو ڇڏي ويا هجن. مان هن زندگيءَ کان تنگ ٿي پئي آهيان. صحرا ۾ هڪ ڀٽڪندڙ کي چشمو نه سيراب ڪري سگهي ٿو مگر. اُن جي هيبت ڀربل تنهائي اُن کي ڪڏهن به مطمئن ڪري نه ٿي سگهي. مان مهاراج جي خلوص ۽ محبت جو قدر ڪري نه سگهي آهيان. جنهن لاءِ ندامت آهي.

ڪمار: اُها راه جنهن کي ڪوبہ موڙ نہ آهي، اُن تي هلندڙ ڪڏهن بہ گمراهہ ٿي نہ ٿو سگهي، مهاراڻي!

سندرا: صحيح آهي ڪمار (ماٺ ٿي وڃي ٿي). هان ترس تو غلط چيو ڪمار. منزل کان بي خبر راهي سنئين راه هوندي به ڪيترين رڪاوٽن ۾ اَڙجي ٿو. منهنجي زندگيءَ جي شاهراه جي پهرئين منزل تي، تنهنجي رس ڀري جوانيءَ روڪي ورتو آهي. هن رڪاوٽ جي سامهون مان پنهنجي زندگيءَ جي سفر کي ڪڏهن به ريت جاري رکي نه ٿي سگهان. دولت. سلطنت جو هيءَ شان ۽ شوڪت دل جي ويران نگر کي آباد ڪرڻ لاءِ فقط ضروري نه آهي، پر اُها



ٻي شيءِ آهي جا آهي محبت! مان اُن جي توکان ڀيک گهري رهي آهيان.

ڪمار: مان محبت جي بيخودي آغاز کان واقف آهيان. هڪ وقتي جذبي کي پوري ڪرڻ لاءِ سڀ ڪجهه ڪيو. مگر پڇاڙي نهايت تاريڪ ۽ هولناڪ ٿيندي آهي. بي لوٺ محبت جنهن کي آغاز به هجي ۽ انجام به هجي زبان جي خالي اقرار ۽ وعدي سان ميسر نه ٿيندي آهي اُن جو ثبوت.

سندرا: مان سمجهان ٿي ته منهنجي لفظن جي اندر جا بيتابي آهي، اُن جو تنهنجي ڪٺور دل کي نرم ڪيو آهي، تيز باه جي ڀٺي ۾ تون به پگهرجي وڃي ٿو. هڪ جيون ساٿي جي لاءِ هن کان وڌيڪ ٻيو ڪهڙو ثبوت ٿي سگهي ٿو.

(صوف ڏيئس ٿي)

ڪمار: هيءَ ڇا آهي مهاراڻي.

سندرا: سدا حيات امرت ڦل! جنهن جي کائڻ سان تنهنجي جواني جي بهار تي ڪڏهن به خزان اچي نه سگهندي، گُل چين جي به ته اِها ئي آرزو هوندي آهي. ته سندس باغ هميشه گلن مان ڇانيو رهي.

ڪمار: هيءَ بي بها تحفو اوهان کي ڪٿان ميسر ٿيو آهي.

سندرا: ترس ڪمار، تنهنجي جواب لاءِ هڪ عجيب ڪشمڪش پيدا ٿي آهي جا هڪ عظيم قرباني کي ٺوڪر هڻي رهي آهي، نيڪيءَ جي قلعي تي دل جي طلب حملو ڪري ڏنو اهي، پر هان گناهه. جيڪڏهن محبت گناهه آهي ته هن

امرت ڦل جو ڏاتار بہ گنهگار آهي، منهنجي دل نامعلوم خوف کان لرزي رَهي آهي، مگر اُن کي قابو ڪرڻو پوندو، اِهي سڀ قربانيون آهن، جي محبت جو ثبوت بڻجي رهنديون، ڪٽي وچ ڪمار، هيءُ اَمرت ڦل ڪٽي وڃ، ديوتائن شايد تو لاءِ ئي بڻايو آهي.

(ڪمار صوف ڪٽي ٿو)

❊



## سين - 4

(شاهي محلات جي ٻاهران ڪمار نظر اچي ٿو)

ڪمار: جنهن مقام سان حياتي جو ڳچ عرصو گذريو هجي، جنهن جي هر در ۽ ديوار سان رفاقت جو پيوند پيو هجي، اُن کان ڌار ٿيندي منهنجي جسم ۾ هزارين ڪنڊا چڀندا هجن تہ اُن ۾ ڪهڙو عجب آهي! رات جي اونداهيءَ ۾ منهنجي آرزوئن جو مرڪز چڀندو ٿو وڃي هاڻي فقط محلات جي ڪنگرن جون چوٽيون نظر اچي رهيون آهن. اُهي بہ نگاهن کان اجهو ڪي اجهو گم ٿيون. الودا ع اي منهنجي راحت جا گهوارا، تنهنجو ڏسڻ وري حياتي ۾ نصيب نہ ٿيندو، مگر تنهنجي ياد منهنجي دل کان ڪڏهن بہ جدا ٿي نہ سگهندي! مهاراج منهنجي معاملي ۾ بي گناهہ آهي، اُن کي ڪهڙي خبر تہ محبت جي گود ۾ هڪ نانگڻ پلجي رهي آهي، منهنجي نمڪ حرامي آهي جو اُن نانگڻ جنهن جي دلڪش نقش ۽ نگار ۾ زهر کان سواءِ ٻيو ڪجهہ بہ پريل نہ آهي، ڏنگ ڪٽندي بہ پنهنجي اَن داتا کي واقف ڪري نہ سگهيس. مگر مجبوري محبت جي رٿ جو سوار آسمان تي پهچي چڪو آهي. اُن کي زمين جو رهندڙ ڪٿي ٿو پهچي سگهي.

(هڪ پردو ڪِري ٿو ۽ ٻيو پردو اچي ٿو)

ڪمار: (پاڻ سان) ڪافي دور نڪري آيو آهيان، هان گم ٿي ويا محلات جا ڪنگرا، منهنجي آس جا آخري نشان.

آواز: ڪير آهي، جو ايڏي رات گذري اوجهڙ ڀٽڪندو ٿو وتي.

ڪمار: اُهو جنهن جي آکيري تي وڄ ڪري آهي ۽ اُن جا همسايہ پن، هوا ڏئي اُن کي وڌيڪ جلائي رهيا آهن. (پاڻ سان) آواز تہ زنانو ٿو لڳي.

(آواز ويجهو اچي ٿو)

تون ڪير آهين عورت!

عورت: مان هن ئي شهر جي رهڻ واري آهيان، تون بيحد ڏُکي پيو نظر اچين مسافر.

ڪمار: ڏُکي! ڇا دنيا ۾ فقط سُک ئي موجود آهي. ڏک ٿيندو ئي نہ آهي. جيڪڏهن اِئين نہ آهي تہ ڏُک تي تعجب ڇا جو، سُک تي خوشي ڇا جي! هوس سان ڀريل انسانذات، ڏُک کي دنيا ۾ پاڻ آڻي منافقيءَ کي وري همدردي نالو ڏنو آهي، ۽ اِها منافقي وري سک آهي.

عورت: تنهنجي لفظن ۾ بلا جو تاثير آهي، تون اُداس ۽ ٿڪايل آهين. هو منهنجو گهر آهي، اَندر هل، آرام ڪر. تنهنجي بيتاب دل کي سڪون ملندو.

ڪمار: سڪون! جنهن شيءِ کي خود اُن جي مالڪ پنهنجي هٿن سان مروڙي ٽوڙي ڇڏيو هجي، وري اُن جو حاصل ٿيڻ ناممڪن آهي.

عورت: توکي ايڏو نااُميد ٿيڻ نہ گهرجي، منهنجي مدد ۾ جنهن جي اندر خالص انسانيت آهي رد ڪرڻ!



ڪمار: تنهنجو نالو ڇا آهي اجنبي عورت.

(ڪمار اندر وڃي ٿو روشني ۾ ڪيس ڏسي ٿو)

عورت: چنتا.

ڪمار: چنتا هان چنتا، سندرا جو حسن بہ لاجواب آهي مگر چنتا جي رعنائي ۽ دلڪشي بہ لاجواب آهي.

چنتا: تنهنجو مطلب شايد مهاراڻي سان آهي، مسافر جي ائين آهي تہ تنهنجي ڀيٽ غلط آهي، ان جي چوڌاري تہ عظمت ۽ شان، شرافت ۽ نيڪي گردش ڪري رهيا آهن، مون وٽ تہ گنهگاريءَ کان سواءِ ٻيو ڪجهہ نہ آهي.

ڪمار: سندرا سچ ٿي چيو تہ گناهہ ۽ ثواب جو حسن ۽ دلڪشي سان ڪهڙو واسطو، مان تنهنجي صورت جو ذڪر ڪري رهيو آهيان، تون سيرت جو، ظاهر کي ڇڏي باطن جو ذڪر بيوقوفي آهي.

چنتا: سندرا، سندرا مسافر توکي سندرا سان ڪهڙي نسبت؟ هيري کي ڪچ سان ملائي رهيو آهين، توکي مهاراڻيءَ جي نالي جو احترام ڪرڻ گهرجي.

ڪمار: عزت ۽ احترام، مجبوري ۽ منافقيءَ کان بلند هوندو آهي، چنتا، نانگ ديوتائن جي صحبت ۾ رهڻ کان پوءِ بہ نانگ ئي رهجي ويندو آهي، مان چنتا جو احترام ڪريان ٿو.

چنتا: تون ڀليو آهين اجنبي. اگرچہ منهنجو ظاهر دلڪش آهي، مگر باطن اُن کان بہ زياده اونداهو آهي. چنتا وئشيا آهي.

ڪمار: وئشيا کان انسانيت جو شرف کسي نہ ٿو سگهجي.

دلڪشيءَ جو ضد اونداهي آهي. هي ٻہ شيون ڪڏهن بہ گڏ رَهي نہ ٿيون سگهن. تو وٽ فريب نہ آهي، تنهنجو ظاهر ۽ باطن هڪجهڙو آهي. مان توکي پيار ڪريان ٿو، ڇا تون بہ مون کي پيار ڪندين؟

چنتا: وئشيا جي محبت جو ڪهڙو اعتبار؟ هوءَ تہ دولت جي ديواني آهي، جتي سون ۽ چانديءَ جا انبار آهن، اُتي خالي هٿن جي ڪهڙي قدر افزائي ٿي سگهي ٿي.

ڪمار: قدر افزائي، مان توکي اُهو تحفو (صوف ٻاهر ڪڍي رکي ٿو) ڏئي رَهيو آهيان جو هيرن ۽ جواهرن سان ميسر ٿي نہ ٿو سگهي. هي امرت ڦل آهي هن جي کائڻ سان توکي سدا حيات ملي سگهي ٿي، ڇا تنهنجي محبت جي خريد هن کان بہ زياده آهي؟

چنتا: هيءُ تحفو اعتبار جي لائق ٿي سگهي ٿو مسافر؟

ڪمار: هن جي چمڪ ۾ صداقت آهي.

چنتا: هيءَ توکي ڪٿان حاصل ٿيو مسافر؟

ڪمار: اُن کان، جنهن وٽ محبت جي لاش تي مروت روئيندي رهي ٿي.

چنتا: يعني.

ڪمار: هان ترس! مان فريب ڀريل دنيا کان ڀڳو هوس. چنتا تو وٽ ڪي ٻہ سوئا آهن.

چنتا: ملي پوندا. مسافر پر تون ڇا ڪندين.

ڪمار: مان اُهي توکي ٻڌائيندا تہ اِهو امرت ڦل مون کي ڪنهن کان مليو آهي.



(چنتا سوئا ڪٽي اچي ٿي ڪمار وٺي اکين ۾ هڻي ٿو)

چنتا: هان هان، هي ڇا ٿو ڪرين مسافر.

ڪمار: هيءَ اُن جي سزا آهي، جو دولاب ڀريل دنيا کي اَجا بہ سمجهي نہ سگهيس. نہ هيءَ اکين جا پيالا هوندا نہ اُنهن ۾ ڪنهن جي تصوير نظر ايندي.

(اکين مان رت وهندي ڏسي چنتا بيهوش ٿي وڃي ٿي ڪمار وڃي ٿو)

چنتا: (هوش ۾ آهستہ آهستہ اچي ٿي) افسوس تون پنهنجي اکين کان بہ بي نياز آهين، هن دنيا جي کيل کي ڏسڻ لاءِ، جن ٻن ماڻڪين جي ضرورت آهي انهن کان بہ بيزار آهين، هن دنيا جي کيل کي ڏسڻ لاءِ، شايد اُنهن مان ڪا اِهڙي تصوير گذري هجي، جنهن جي سانڍڻ لاءِ اُنهن جو آئينده لاءِ بي نور هجڻ ضروري آهي.

(جواب نہ ملڻ تي هيڏي هوڏي ڏسي چوي ٿي)

شايد هليو ويو اجنبي. زخم جي دنيا کي پنهنجي درد ۽ رنج سان آباد ڪندو، هان هي رت جا قطرا آهن، جي سندس ملي وڃڻ جو نشان ڏين ٿا. هڪ دُکي انسان جو مقدر خون (نمي چمي ٿي)

امرت ڦل چمڪي رهيو آهي، هن دک ڀري دنيا ۾ سدا حيات غلط. سو بہ هڪ وئشيا لاءِ، جنهن وٽ گناهہ کان سواءِ ٻيو ڪجهہ نہ رکيو آهي، هيءَ تہ اُن جو حق آهي، جنهن جي زندگيءَ اُدائيءُ وٽ محبوب هجي اُهو مهاراج ئي ٿي سگهي ٿو، جنهن جي نيڪيءَ جو جهنڊو هميشہ

جهولندو رهي ٿو. سياڻي حق حقدار کي ملي ويندو.

(پردو ڪِري ٿو)

❊

# ائڪٽ - 4

سين - 1

شاهي دربار

(مهراڻ ۽ درباري نظر اچن ٿا)

مهراڻ: دستور معظم ڪالهه هڪ اوچتي معاملي جي باعث، دربار کي ملتوي ڪيو ويو هو، اَڄ انهن سڀني ڳالهين کي معاف ڪيو ويندو، جن لاءِ منهنجي رعيت کي انتظار آهي، حڪومت جي ڪم ۾ ڪابه تاخير برداشت نه ڪئي ويندي، ملڪ جي دور دراز حصن مان ڪا نئين خبر آيل آهي!

وزيراعظم: ملڪ جي هر حصي ۾ اطمينان جي لهر ڊوڙي وئي آهي. مهاراج کي ابدي زندگيءَ جي حاصل ٿيڻ تي رعيت کي غير معمولي خوشي حاصل ٿي آهي.

مهراڻ: ابدي زندگي! هي بيباڪ انسان لاءِ جو موت کان نه ٿو ڊڄي طنز آهي، زندگي جي حاصل ٿيڻ تي رعيت خوش آهي، زندگي خود هزارن آرزوئن ۽ تمنائن جو مجموعو آهي، اسان جنهن دنيا ۾ رهون ٿا. اُن کي صبح به آهي شام به آهي. ان جي جستجو جي طلب جو مطلب؟ انهن تبديل ٿيل شين جي وچ ۾ زندگي پئي ٿي تمنائن جي

پينگهه تي جهُوتي. نه سندس اڳتي وڌڻ تي اعتبار آهي نه پوئتي موٽڻ تي ڀروسو. هوءَ ڪيڏي به آرام ڏيندڙ چو نه هجي، مگر جهُوتيندڙ تنگ ٿي پوي ٿو. اُن لاءِ سڪون به نه لازمي آهي. اُن جهُوتي جو نالو زندگي آهي. ۽ سڪون موت.

وزيراعظم: بجا فرمايو آهي مهاراج! مگر اُها زندگي جا خدا جي خلقت جي خدمت ۾ صرف ٿئي ٿي اُن جي ويڪر ۽ ڊيگهه جو اندازو ئي لڳائي نه ٿو سگهجي.

مهراڻ: مان ڄاڻان ٿو دستور معظم، طويل زندگي اُن مريض وانگر آهي، جنهن کان پنهنجو پرايو تنگ ٿي وڃي ٿو ۽ سندس موت جي لاءِ دعائون گهريون وڃن ٿيون. پر هوءَ ڪير آهي جا اچڻ گهري ٿي.

(دربان اچي ٿو)

دربان: مهاراج شهر جي هڪ عورت جا پنهنجو نالو چنتا ٻڌائي ٿي اَندر اچڻ گهري ٿي؟

مهراڻ: چنتا؟

وزيراعظم: چنتا، شهر جي اُها وئشيا، جنهن جي گنهگاري جو وڏو داستان آهي. شاهي دربار ۾ اچڻ جي جُرات، سندس نحس قدمن کي روڪينس.

مهراڻ: دستور معظم وئشيا جي نالي کان ايڏي ڪراهت چو؟ انسانذات جي ناسور جو هيءُ داغ، اسان جي سماج جي ئي پيدائش آهي، اُجل ۽ صاف پاڻيءَ کي ميري ڪرڻ کان پوءِ، ان جو انڪار، انتهائي بزدلي آهي، غلاظت کي



جيڪڏهن ڇڏيو ويو ته زياده بدبودار ٿيندي. هيءُ شاهي دربار آهي. جتي اوچ ۽ نيچ جو تفاوت نه هئڻ کپي، جڏهن ته اسان پنهنجي تدبير سان بد کي نيڪ بڻائڻ لاءِ هٿ ڳنڍ ٿيا آهيون. اچڻ ڏينس دربان!

(دربان وڃي ٿو، چنتا اندر اچي ٿي)

چنتا: مهاراج سچ فرمائي رهيو آهي. مان ان حلقي سان واسطو رکان ٿي، جنهن کي شريف نه سمجهيو ويندو آهي. منهنجي زندگي دورنگي جي تصوير آهي. ظاهر هڪ اٿم ۽ باطن ٻيو.

مهراڻ: اسان کي توسان پوري پوري همدردي آهي تنهنجو ظاهر ايڏو ته دلڪش آهي، جو مان ان جي ساراهه ڪرڻ کان سواءِ رهي نٿو سگهان باطن جو مان قائل نه آهيان، هڪ راز بابت نه ڄاڻڻ وارو پنهنجو ڪهڙو فيصلو ڏئي سگهي ٿو، هان اها ڪهڙي شيءِ آهي جا توکي شاهي دربار ۾ وٺي آئي آهي. جتي فقط اها ترازو آهي، جنهن ۾ سون کي مُٽُ کان ڌار ڪيو ويندو آهي.

چنتا: مهاراج.

مهراڻ: هان، هان چئي ڏي چنتا تنهنجي گفتگو تي ڪا به بندش نه آهي، هڪ مذهبي ديوان، توکي مندر ۾ وڃڻ کان روڪي سگهي ٿو، مگر انصاف جي محل ۾ تنهنجي قدمن جي مرحبا ٿي سگهي ٿي.

چنتا: (صوف ڪدي ٻاهر تخت تي رکي ٿي) مان هي تحفو مهاراج جي خدمت ۾ پيش ڪريان ٿي.

مهراڻ: (صوف کي ڏسي ٿو) هان امرت ڦل وئشيا جو تحفو، دستور معظم  مان دربار برخواست ڪريان ٿو اڪيلائي جي ضرورت اٿم.

(دربار جا امير هليا وڃن ٿا)

قريب اَچ چنتا، هيءَ ديوتائن جو غير فاني ڪارنامو توکي کهڙي ريت حاصل ٿيو آهي.

چنتا: مهاراج.

مهراڻ: هان توکي صاف صاف ٻڌائڻو پوندو، ائين ته ڪڏهن به ٿي نٿو سگهي ته هيءَ غير فاني ڦل بازار ۾ خريد فروخت لاءِ موڪليا ويا هجن، جيڪڏهن هي ايڏو ارزان آهي، جو هڪ وئشيا جي ناپاڪ هٿن تائين پهچي سگهي ٿو ته ديوتائون پاڪ ۽ ناپاڪ زندگيءَ تي مذاق ئي اُڏائيندا ٿا رهن.

چنتا: منهنجو عظيم ديوتائن سان ڪهڙو واسطو. مهاراج، هيءُ اُن دوست جي نشاني آهي، جنهن منهنجي جسم کي خريد ڪرڻ لاءِ هن امرت ڦل جو سودو ٿي ڪيو.

مهراڻ: هڪ ناپاڪ جسم کي خريد ڪرڻ لاءِ، اُن ديوتائن جي پاڪ تحفي جي توهين ٿي ڪئي.

چنتا: صحيح فرمايو آهي مهاراج هڪ ناپاڪ جسم، جنهن کي هڪ اُڇلايل هڏي وانگر ڪيترن ڪتن جهنجهوڙي ۽ اڇلايو هجي. ان جي جسم کي ابدي حيات جي کهڙي ضرورت هن غير فاني تحفي کي، اِن لاءِ ڪٽي حاضر ٿي آهيان ته اَن داتا جي اَبدي حيات سان هن سلطنت جو



سج سدائين چمڪندو رهي.

مهراڻ: چنتا چا ڳالهائي رهي آهين. سدا حيات هن ڦل جي وسيلي تنهنجو مهاراج جنهن کي پنهنجي ٻَل سان خريد ڪري نه ٿو سگهي، اُهو ان لاءِ عار آهي، تون وڃي سگهين ٿي.

(چنتا وڃي ٿي)

(پاڻ ساڻ) چنتا، مون کي ڪيڏي نه عذاب جي چنتا ۾ گرفتار ڪري وئي! چا سندرا، پنهنجي محبوب راجا جي تحفي جو اِهو ئي قدر ڪري سگهي ٿي! ناممڪن اُن عصمت واري راڻيءَ سان دوکو ڪيو ويو آهي. جيڪڏهن ائين نه آهي ته هن قبا جي اَندر ۾ زهر ٿي سگهي ٿو. هن تاج ۾ نانگ چپي سگهي ٿو، هوءَ ته مون کي تاج ۽ قبا کان به قريب آهي، پر مون کي ايترو دور وڃڻ نه کپندو هو، منهنجي لفظن کان منهنجي راڻيءَ جي توهين ٿي رهي آهي! پرستش جي لاءِ ضروري آهي حاضر ۽ غائب ۾ هڪجهڙائي هجي.

مهراڻ صوف ڪٽي ٿو

(پردو ڪِري ٿو)

❊

## سين - 2
## (شاهي محلات)
## (سندرا ۽ خادم ڪنول)

سندرا: ڪمار جو صبح ڪان وٺي ڪوبہ نشان نہ ٿو ملي ڪملا. نگهبانن ڪان معلوم ٿيو آهي تہ هو رات محلات ۾ ئي هو اُن جي ڳولها ڪئي وڃي مهاراج ڪيس ياد فرمائي رهيو آهي.

ڪملا: اتي ئي محلات جي ڪنهن گوشي ۾ هوندو مهاراڻي.

سندرا: ڪيس اسان وٽ حاضر ڪيو وڃي.

(ڪملا وڃي ٿي)

(پاڻ سان) مان پنهنجي انجام ڪان ڪيترو نہ بي خبر رهي آهيان. هڪ غلط راهہ تي هلڻ وارو هميشہ پٽڪندو ئي رهندو آهي. مون کي اُميد هئي تہ ڪمار منهنجي غير معمولي حسن جي دام ۾ ڦاسي پوندو. جنهن جي هڪ جهلڪ تاجدارن جي هوش کي خريد ڪري سگهي ٿي مگر هو منهنجي حسن جو سنگدل رقيب ثابت ٿيو. شايد هن کي بہ پنهنجي دلڪشي تي ناز هو. هن منهنجي حسن جي توهين ڪئي، جنهن جي حق بجانب ثابت ٿيو. هر موتي کي پنهنجو مقام هوندو آهي. جنهن کي مان سمجهي نہ سگهيس (ترسي ٿي) هان. مگر اَمرت، ديوتائن جي بد دعائن جو ثمر اُن جي قبضي ۾



پهچي چڪو آهي. مون کي خوف ٿو ٿئي تہ جيڪڏهن هو مهاراج جي سامهون پيش ڪيو ويو تہ اُهو منهنجي بي وفائي جو ثبوت آهي.

(ڪملا اندر اچي ٿي)

تون اَچي وئين ڪملا.

ڪملا: نگهبان ڪان معلوم ٿيو آهي تہ ڪمار، مهاراج سان سُيا ۾ موجود آهي.

سندرا: مهاراج جي وڌنڌڙ پيار، هن کي هٺيلو بڻائي ڇڏيو آهي. سندس اکين تي ايڏو تہ پردو اچي ويو آهي جو هو هاڻي پنهنجي راڻيءَ جي احترام ڪان بہ بيگانو بڻجي ويو آهي. مهاراج دربار ۾ آهي. ڪملا تون ايوان ۾ سندس انتظار ڪر، جيئن هو محلات ۾ قدم رکي مون کي اُن ڪان خبردار ڪر.

(ڪملا وڃي ٿي)

سندرا: (پاڻ سان) معلوم ائين ٿئي ٿو تہ ڪمار سڄي راز ڪان مهاراج کي واقف ڪري چڪو آهي رات ڪان منهنجي ڏائي اک ڦري رهي آهي، شگون بد آهي. هان ڪمار هاڻي بہ منهنجي هٿ ڪان بچي نہ ٿو سگهي. هو خيانت جي الزام ۾ تباهہ ٿي سگهي ٿو (ترسي) مگر نہ مان پنهنجي آرزوئن ۽ تمنائن جي مرڪز سان فريب ڪري نہ ٿي سگهان. مان کي محبت جي آغاز جي خبر هئي. هاڻي انجام ڪان خوف ڇا جو. سنگدل ڪمارا اَڄ مان جنڊ جي پڙن ۾، ڦاسي ۽ پيسجي رهي آهيان،

جيڪڏهن تون منهنجي حال کان غافل رهيو آهين ته منهنجو موت يقيني آهي.

(ڪملا اچي ٿي)

ڪملا: مهاراڻي، مهاراج دربار کان موٽي رهيو آهي، نگهبان ٻڌايو ته امرت ڦَل...

سندرا: ڪملا پنهنجي لفظن کي روڪ، مان اُن منحوس شيءِ جي لاءِ ڪجهه به ٻڌڻ نه ٿي گهران.

ڪملا: مهاراڻي.

سندرا: تون ٻاهر ترس.

(ڪملا ٻاهر وڃي ٿي)

(پاڻ سان) اُن منحوس اَبدي زندگيءَ جي بخشش کان. هيءَ هيري جي ڪڻي، هزار ڀيرا بهتر آهي. هوءَ محبت ڀري زندگيءَ کي زياده مصيب بڻائڻ وارو آهي، هيءُ اگرچه زهر قاتل آهي مگر نفرت ۽ ذات جي موت کان نجات ڏيندڙ آهي.

(ڪڻي کائي ٿي)

الوداع اي خوش نما دنيا، مگر پر فريب.

(ڪري پوي ٿي، ڪملا اندر اچي ٿي)

ڪملا: مهاراڻي، مهاراج اچي رهيو آهي.

سندرا: هان موت جلدي ڪري، زندگي، بيوفا نڪتي، مگر تنهنجي وفا اٽل آهي، مان... اُن منحوس ڦَل کي ڏسڻ... نه ٿي گهران... ڪملا ڪمار... هان هي... راز سيني ۾ محفوظ هئڻ گهرجي مهاراج مون کي معاف ڪج...



(مري وڃي ٿي، مهراڻ اندر داخل ٿئي ٿو)

مهراڻ: هي ڇا آهي ڪملا، مهاراڻيءَ کي ڇا ٿيو آهي. ڇا ڇئي رهي هئي ڪملا.

ڪملا: مهاراج، مهاراڻي موت جي گود ۾ وڃي پهتي.

مهراڻ: طوفان پنهنجي آمد جي خبر ڏني هئي، ۽ اُهو اچي ويو. هي لاش پنهنجي گناهه جي پردو پوشي ڪري رهيو آهي، مگر سندرا موت کان پوءِ به تون سندر آهين. بي وفائي ۽ بي مروتي جي لڪيرن ۾ وڪوڙجي به دلڪش آهين. عورت جي شرمندگيءَ جي تصويرا مان توکي هن ڦَل کان زياده آب حيات ٿي سمجهيو، مگر تون زهر هئين. هن ڦل ۾ به ته زهر ئي هوندو. محبت جي تعمير، بيوفائي جي ڪچ تي نه ٿيندي آهي هي عظيم گناهه آهي.

(صوف کي اڇلائي پيرن ۾ مهٽي ٿو)

غيبي آواز: تنهنجي پيرن ۾ سدا حيات ڏيندڙ ڦل مهٽجي چڪو آهي، فطرت جي معمار موت کي اٽل بڻايو آهي. تو ڏٺو ته آبحيات جي موجودگي به اُن جي قانون کي بدلائي نه ٿي سگهي.

مهراڻ: تو سچ چيو چوڻ وارا، مگر منهنجي لاءِ هڪ راهه قطب تاري وانگر قائم آهي، اُها آهي هڪ جي بربادي‌ءَ سان ٻيءَ جي بربادي لازمي آهي هيءَ محلات، سلطنت، خوشي ۽ غم فاني. سندرا گذري چڪي ڪمار گذري ويو، مهراڻ به گذري ويندو، فاني شين جو ڪهڙو اعتبار.

كملا: مهاراج هي ڇا ٿي ويو؟

مهراڻ: هيءُ ساڳيو دروازو آهي جنهن مان عيش ۽ خوشي سان گذريو هوس، اُن مان غم کي وٺي گذري رهيو آهيان، ڪيڏي نہ بي اعتبار آهي دنيا.

(وڃي ٿو. پردو ڪِري ٿو)

❊



## سين - 3

## جهنگ

(مهراڻ زمين تي ويٺل نظر اچي ٿو)

مهراڻ: (پاڻ سان) دل تي ڪيڏو نہ گهاؤ سخت هو، مگر وقت گذرندي پرجي ويو آهي، اولاد آدم جي مٿان جو آيو سو گذري ٿو وڃي اُن واقعي جو هاڻي فقط، ڌُنڌُ وارو خاڪو، ياد رهجي ويو آهي، پر اِها ياد بہ قلب کي لرزائيندڙ آهي. ڪيڏي نہ هوءَ هنگامي واري حياتي هئي ۽ ڪيڏي نہ هيءَ سڪون ڀري آهي، هاڻي نہ مون تي ڪو رُئڻ وارو آهي نہ مون کي ڪنهن تي رُئڻو آهي. جهنگ جي هيءَ اُداس اُداس فضا منهنجي غم گسار آهي.

(وزير ۽ ٻيا اچن ٿا. وزيراعظم مهراڻ کي ڏسي چوي ٿو)

وزيراعظم: جڏهن ڪو غير معمولي نظارو اکين کي نظر ايندو آهي تہ اُن تي پهرين نظر ۾ اعتبار نہ ايندو آهي، اکين کي بار بار مهٽي ڏسڻو پوندو آهي، افسوس هن ملڪ جو تاجدار هن حالت ۾ ساڌو ۽ سماڌي دنيا جي فريب ڀريل ڪهاڻيءَ جو ڪتاب سامهون آهي، جنهن جي هر هڪ ورق مان نااميدي ۽ اُداسي جهلڪي رهي آهي.

(مهراڻ آواز ٻڌي ٿو)

مهراڻ: ڪير آهي؟

وزيراعظم: اُهي ئي يخادم، جن سج کي اڀرندي به ڏٺو ۽ غروب ٿيندي به ڏٺو جن جي اُميدن جي خواب جو تعبير ئي الٽو نڪتو.

مهراڻ: هرڻ صحرا ۾ ڊوڙندي دوڙندي چشمي تي پهتو آهي، کهڙو سفاڪ هوندو جو سندس گردن کي پاڻي جي مٿان جهڪندو ڏسي روڪي وٺندو مون کي اوهان جي همدرديءَ لاءِ احساس آهي مگر مان اُن کان گهڻو دور نڪري چڪو آهيان.

وزيراعظم: مهاراج!

مهراڻ: مهاراج، هيءَ هڪ طنز آهي، خواب جي حقيقت بيداريءَ ۾ هڪ وهم پرست انسان ئي ٻڌائيندو آهي، ننڊ جي غلبي کان هڪ خواب ڏٺو هوم. هڪ شور هو، اُن ۾ جاڳ ٿي پئي. هاڻي ته اُهو خواب به ياد نه آهي.

وزيراعظم: حضور ڇا فرمائي رهيا آهن؟

مهراڻ: اِهو ئي ته گهڻو اڳي پنهنجي آرزوئن ۽ تمنائن جي قبا کي اُڌيڙيندو ۽ سبندو رهيس، مگر بدقسمتيءَ سان اُها قبا، سبي نه سگهيس، هاڻي نه قبا آهي نه سُئي نه ڌاڳو.

وزيراعظم: وطن جي گوشي گوشي ۾ ڪهرام آهي. اکيون اشڪبار ۽ دليون سوڳوار آهن. سورج جي گرم تيڻ سان اونداهي اچي وچي ٿي ۽ اُن اونداهيءَ ۾ هر مڪار فطرت کي شيطانيت جي راند کيڏڻ جو موقعو ملي ٿو. دنيا غم ۽ خوشيءَ جو نشيمن آهي، اُهو انسان جو خوشي جو اقرار ڪري ٿو ۽ غم جو انڪار، فطرت جي نظام جو باغي آهي



حضور.

مهراڻ: باغي!! تو ڇا چيو وزيراعظم، اُهو جو محدود بار کڻڻ جو عادي آهي. اُن جي مٿان پهاڙ جو ليٽي پوڻ کهڙي ريت فطرت جو نظام آهي، دل ماپي ۾ اٿم. مگر ان جي ڪمزور آواز ۾ ڪڏهن به تيزي اچي نه سگهي. اُن جي مروت جي هوندي به سندس رضا جي جستجو ۾ ڇهري تي سرخي نه اچي سگهي. اُن ڪانپوءِ نه سياهي جي ضرورت آهي نه سفيدي جي.

وزيراعظم: شمع جي جانگدازي جو ڪنهن کي اعتراض نه آهي. مگر اُن جي روشنيءَ ۾ ڳرندي به گهٽتائي نه ايندي آهي. دنيا ۾ شاديءَ جي قرنائن سان گڏ ماتمي جلوس به نڪرندو آهي. هن جي مروتي هوندي به ڪنهن دنيا کي نه ڇڏيو آهي. عالم پناهه.

مهراڻ: شمع ڳرندي به روشني نه ڇڏيندي آهي، تو سچ چيو آهي وزيراعظم مگر..

وزيراعظم: اُهي تبديليون جي حد کان وڌيڪ وجن ٿيون. انهن تي خود فطرت کي به رحم ايندو آهي. هي وار جنهن نعمت جي سائي ۾ ڪارن مان اچا ٻڻجي چڪا آهن، هاڻي نمڪ حراميءَ تي آماده ٿي نه ٿا سگهن.

مهراڻ: توکي ڇا ڪپي وزيراعظم.

وزيراعظم: سلطنت جي بيجان جسم ۾، حرارت نئين سر ڊوڙي اُٿي.

مهراڻ: افسوس جنهن شيءِ کان پڇي رهيو آهيان، تون اُن جي دعوت ڏئي رهيو آهين. ترس مان پنهنجي وڃايل خوشيءَ

ڪي هڪ طريقي سان حاصل ڪري سگهان ٿو، شرط ڪو چڱو نہ آهي مگر وهمي نيڪيءَ جي خيال تي وهمي بديءَ جي چوٽ آهي. چنتا منهنجي راڻي ٿي رهندي.

وزيراعظم: **حضور!**

مهراڻ: هي فيصلو ڪمزور انسان جي طاقتور ديوتائن جي مٿان ڪِلَ آهي. هاري جيت کان بي پرواھ سپاهي جنگ جي ميدان ۾ غير معمولي همت سان وڙهندو آهي. جڏهن ٻيڙي ٻڏڻ کان بچائي نہ سگهي، تڏهن، هڪ ڪک جي سهاري جيڪڏهن تري نہ سگهيس تہ اِها ڪک جي توهين نہ آهي. پر تارون جي احمقانہ حرڪت آهي. مان اُن حرڪت کي پسند ڪريان ٿو.

وزيراعظم: **حضور!**

مهراڻ: هيءَ نيڪيءَ ۽ بديءَ جي جنگ، توکي ۽ تنهنجي ساٿين کي قبول ڪرڻي پوندي.

وزيراعظم: هڪ سالار جي راءِ کي ڪهڙو جانباز سپاهي رد ڪري سگهي ٿو. تاج ۽ تخت جي آبادي جنهن بہ طريقي سان ٿي سگهي ٿي، اُن لاءِ تيار آهيون. سيئي گڏجي: مهراڻ زنده باد.

(پردو ڪِري ٿو)

❊



## سين - 4
## (شاهي محلات ۾ مهراڻ ۽ چنتا)

مهراڻ: چنتا.

چنتا: مهاراج.

مهراڻ: وقت ڪيڏو نہ تيزيءَ سان ڊوڙي رهيو آهي. ٻہ سال گذريا. موسم جي شگفتگيءَ جو رنگ اِهڙو ئي هيو. جيئن اڄ نظر اچي رهيو آهي. اُن جي مروت جي پيوند کي پختو ڪيم، مگر انتخاب غلط نڪتو. هن گهر کي پنهنجي ئي ڏيئي مان باھ لڳي. ڪمار، جنهن جي وفاداري تي شرافت صدقي ٿي رهي هئي، اُن باھ کي هوا ڏني. شايد منحوس ڦَل اُن جي ئي هٿ کان توکي مليو هو.

چنتا: مهاراج مون کان غلطي ٿي هئي. جو اُن کان سندس نالو ۽ نشان پڇي نہ سگهيس. جيڪڏهن اُن بدقسمت انسان جو، جنهن جواني جي منزل کان قدم ئي نہ وڌايو هو. نالو ڪمار هو تہ هو يقيناً بي گناھ هو.

مهراڻ: بيگناھ. ڇا توکان اُهو مصيبت پريو واقعو وسري چڪو آهي. سندس انتهائي بي وفائيءَ جو ثبوت تہ تو ئي پيش ڪيو هو. اُن کي ڪو گهڻو وقت نہ گذريو آهي. جو تو اُن

ڪي وساري ڇڏيو هجي.

چنتا: مون کي پوري ريت ياد آهي مهاراج تہ هو بيحد ڏکي ٿي ڏٺو.اُن اجنبيءَ جي آواز ۾ درد هو ۽ ڇهري تي بي تابي، هي علامتون خوشيءَ ڀري زندگيءَ جون ٿي نہ ٿيون سگهن. هو هن دنيا جي مصيبت ڪان ايڏو تہ تنگ ٿي چڪو هو، جو هن پنهنجي اکين مان منهنجي سامهون ماڻڪين کي ڪڍي اُڇلائي ڇڏيو هو. مون کي اُن حادثي جي ڏسڻ جي طاقت نہ رهي هئي. بيهوش ٿي ويس، مگر هو درد ۽ سور ڪان بي پرواهہ هليو ويو. جيڪڏهن هو ڪمار هو تہ اهڙو ڏکي انسان ڪڏهن بہ گنهگار ٿي نہ ٿو سگهي.

مهراڻ: چنتا، هو ڪمار هو ۽ يقيناً ڪمار هو. مون کي سندس بيگناهيجو نہ فقط اعتراف آهي، پر ان جي وفا جي قيمتي ايتري مٿي آهي، جو هيءَ سلطنت بہ ان جو عيوض ٿي نہ ٿي سگهي.

چنتا: مان ڪمار جي عمل ڪان مطمئن آهيان، اُها وفا جا مهاراج جي نگاهہ ۾ مري چڪي هئي ۽ ان جي لاش جي توهين ٿي رهي هئي، اُن ۾ جان موٽندي نظر اچي ٿي. وفا جي ڪهاڻين ۾ هڪ درد ڀري ڪهاڻيءَ جو اضافو ٿي ويو آهي.

مهراڻ: مان ڄاڻان ٿو چنتا. هن جهان جي پيدائش جو منصوبو بي داغ آهي تارازيءَ جي ٻن پڙن مان. جيڪڏهن هڪ ۾ گهٽتائي آئي، تہ ٻيو پڙ ضرور مٿي هوندو آهي. افسوس



هيءَ حقيقت مون کي نهايت دير سان ملي.

چنتا: مهاراج، سچ فرمائي رهيو آهي. هڪ انسان جي فطرت ڪان ڪنهن نتيجي تي پهچڻ، انسانيت جي ڪمال جو انڪار آهي فريب ۽ دغا، صداقت ۽ وفا جو هميشہ انڪار ڪيو آهي. مگر صداقت ۽ وفا جو چراغ تيز ڦوڪن سان بہ اُجهامي نہ سگهيو آهي. فريب جي لباس ۾ گناهہ لڪي سگهي ٿو، مگر ڪين ڪهڙي خبر تہ سنسار جو سينو سندن عمل ڪان زخمي ٿي رهيو آهي. ۽ ممڪن آهي تہ درد ڪان بي صبر ٿي هُو پنهنجو آواز ڪڍي بہ وجهي.

مهراڻ: هان! (مهراڻ چپ ٿي وڃي ٿو)

چنتا: مهاراج اوهان خاموش ٿي ويا.

مهراڻ: نہ چنتا. مان تنهنجي دليل ڪان مطمئن آهيان. اڄ شام شڪار جو بندوبست ٿي رهيو آهي شايد ٿورا ڏينهن توڪان دور رهان. مون کي اميد آهي تہ اُن جي تون ضرور اِجازت ڏيندين.

چنتا: اجازت. مهاراج ڇا فرمائي رهيو آهي! هڪ داسيءَ جو فرض آهي تہ انتظار ڪري. هي انتظار ظاهر ۾ مصيبت ڀريو آهي پر ان جي اَندر راحت آهي. مان اُهي اداس ڏينهن صبر سان گذاريندس.

مهراڻ: تہ مون کي تياري ڪرڻ کپي.

(مهراڻ هليو وڃي ٿو)

(پردو ڪِري ٿو)

❊

# ائڪٽ - 5

## سين - 1

(جهنگ ۾ مهراڻ نظر اچي رهيو آهي)

مهراڻ: (پاڻ سان) ڪمار جي قربانيءَ ڪي ساراهيندي، چنتا پنهنجي وفا جي دعويٰ ۾ ڪيڏي نہ پيش پيش هئي. سندس لفظن ۾ ڪيتري صداقت آهي! ان جو فيصلو هاڻي ٿيڻ وارو آهي، منهنجي رعيت منهنجي هن انتخاب تي ناخوش هئي. جيڪڏهن چنتا هن ڪشمڪش ۾ ڪامياب نڪتي تہ نہ فقط مون کي اطمينان حاصل ٿي ويندو، مگر منهنجي رعايا جو سر فخر ڪان آسمان تي پهچي ويندو. وفادار ڪنول اوري اچ.

(ڪنول قريب اچي ٿو)

ڪنول: مهاراج!

مهراڻ: مان توکي اڄ اِهڙي خدمت سپرد ڪري رهيو آهيان، جنهن ۾ وڏي هوشياري ۽ دور انديشي جي ضرورت آهي.

ڪنول: خادم پنهنجي فرض جي اَدائيءَ ۾ ڪاٻہ ڪوتاهي نہ آڻيندو مهاراج.

مهراڻ: مان اُن کي پوري ريت ڄاڻان ٿو تہ منهنجا خادم ڪيتري قدر وفادار ۽ پنهنجي فرض اَدائيءَ جا لائق آهن.

**ڪنول:** فرمايو وجي مهاراج.

**مهراڻ:** مهاراڻي محلات ۾ موجود هوندي، اُن کي اطلاع ڏنو وڃي ته مهاراج جهنگ ۾ شينهن سان وڙهندي مارجي ويو آهي.

(قبا لاهي ٿو)

هيءَ قبا جا هَرڻ جي خون ۾ تَر ڪئي وئي آهي. اُن کي مهاراڻيءَ جي سامهون ثبوت جي طورتي پيش ڪيو وڃي.

**ڪنول:** مهاراج جي حڪم جي تعميل ڪئي ويندي. مگر!

**مهراڻ:** ها توکي ڇا چوڻو آهي ڪنول؟

**ڪنول:** حادثي جي اهميت کان مهاراج پوري ريت واقف آهي. اُن جو اثر مهاراڻيءَ تي ڪهڙو پوي اُن تي ڪابہ راءِ پيش ڪري نہ ٿو سگهان. پر بعضي حالتن ان جا نتيجا سنگين بہ نڪري سگهن ٿا.

**مهراڻ:** گهڻي غور ۽ ويچار کان پوءِ ئي، توکي هن فرض لاءِ انتخاب ڪيو ويو آهي، توکي ايترو هوشيار رهڻ کپي جيئن ڪنهن سنگين واقعي جي نوبت ئي نہ پهچي.

**ڪنول:** مان پنهنجي طرف کان پوري خبرداري ڪندس مهاراج!

**مهراڻ:** تہ توکي وڃڻ کپي.

(ڪنول وڃي ٿو)

(پاڻ سان) ڪنول سچ ٿي چيو تہ هنن حادثن جا نتيجا سنگين بہ ٿيندا آهن. مگر هو دور انديش ۽ هوشيار خادم آهي. حالتن کي چڱي ريت سمجهي ۽ ٺاهي سگهي ٿو. مگر اُن هوندي بہ مون کي احتياط کان ڪم وٺڻ گهرجي منهنجي دل ڪنهن نامعلوم خوف کان لرزي رهي آهي. هو رفيق جي



ڇڙو ڇڙ آهن، پهچي وڃن تہ مون کي تختگاهہ ڏانهن جلدي موٽڻ گهرجي.

(پريشاني ۾ هيڏي هوڏي ڦري ٿو)

(پردو ڪِري ٿو)

❊

## سين - 2
## (شاهي محلات چنتا ۽ ڪملا)

چنتا: ڪملا، مهاراج کي اڄ شڪار تي وئي ٻه هفتا گذريا. حياتيءَ جو مختصر عرصو ڪيڏو نه طويل ٿي پيو آهي. ائين معلوم ٿو ٿئي، ڄڻ ته وقت هڪ مرڪز تي پهچي اٽڪي هلڻ کان انڪار ڪري چڪو آهي. انتظار جي هيءَ حالت آهي، جو بيتابي پريشانيءَ کي دعوت ڏئي رهي آهي.

ڪملا: مهاراڻي ايتري بيقراريءَ جو ڪوبه سبب نه آهي، شايد مهاراج شڪار ڪيڏندي دور نڪري ويو هجي يا ڪنهن نرالي دعوت جو بندوبست هجي.

چنتا: مان تسليم ۽ رضا جو بُت آهيان. جنهن کي پنهنجي چُر پُر جي ڪابه طاقت نه آهي، هي اُن پوڄاريءَ جي وَس آهي جو جنهن مقام تي رکي مان اُن کي پنهنجو مقام ئي سمجهان. تسليءَ جي ٻن لفظن سان، منهنجي قدر افزائي ٿي سگهي ها.

ڪملا: قاصدن جي ڪابه گهڻتائي مهاراج وٽ ڪانه هئي.

چنتا: مان ڄاڻان ٿي ڪملا آئيني ۾ نظر ڪرڻ سان پنهنجو ئي عڪس نظر ايندو آهي، جيڪڏهن اُن ۾ ڪا خامي نظر ايندي آهي ته اُن کي لڪايو ويندو آهي هڪ داسيءَ کي ان تي راءِ ڏيڻ جو ڪوبه حق نه آهي. مگر معلوم ائين ٿئي ٿو ته مهاراج مون کي ڀُلائي وينو آهي.



ڪملا: مهاراڻي، انهن خيالن تي ڌيان ڏيڻ سان پريشاني پيدا ٿيندي آهي.

چنتا: پريشاني! منهنجي دل ڪنهن نامعلوم سبب کان لرزي رهي آهي. رات ننڊ ۾ ڊيڄاريندڙ خواب ٿي نظر آيا. محلات جي در جي ڪنگرن مٿان، اُلو پنهنجي ڊيڄاريندڙ آواز سان فضا کي هولناڪ بڻائي ڇڏيو هو. ڏائي اڪ ڦڙڪندي رهي آهي. هي شگون ڪي چڱا ٿي نه ٿا سگهن.

ڪملا: گهڻي خيال ڪرڻ سان اِهي ڳالهيون پيدا ٿينديون آهن مهاراڻي. مهاراج جي حفاظت لاءِ اسان مطمئن آهيون.

چنتا: انهن سيني ڳالهين هوندي به بيقراري پنهنجي جاءِ تي قائم آهي. خيالن جو هڪ سيلاب آهي، جنهن جي لهرين تي هيٺ مٿي ٿي رهي آهيان. هيءَ به ڄاڻان ٿي ته وهمي خيالن ۾ ڪابه صداقت نه آهي، مگر دماغي فڪر دل ڏانهن ڊوڙي رهيو آهي. ۽ هيءَ ڪشمڪش روحاني عذاب بڻجي پئي آهي.

ڪملا: داسيءَ جو فرض آهي ته انهن حالتن ۾ وڌندڙ غبار کي روڪي ۽ اوهان جي قلب لاءِ تسليءَ جو سامان پيدا ڪري.

چنتا: مون کي بي صبر ٿيڻ نه کپي. محبت جي تقاضا جي اندر پنهنجي جوابدارين کي به محسوس ڪرڻ گهرجي، ڪملا هو ڪير اچي رهيو آهي؟

ڪملا: هو ڪنول آهي، مهاراڻي. مهاراج جو قاصد. ڪو پيغام ضرور هوندس.

چنتا: هان مگر قاصد جا قدم آهستي آهستي اُٿي رهيا آهن.

پنهنجي رفتار سان اُداس ڇهري ڪي لڪائي رهيو آهي.

(ڪنول اچي ٿو ۽ جهڪي سلام ڪري ٿو)

ڪنول مهاراجا ته خوش هو، مان سندس احوال لاءِ ڪيڏو نه انتظار ۾ هيس.

ڪنول: مهاراڻي.

(ڪملا وڃي ٿي)

چنتا: ڇو تنهنجي آواز ۾ ڪوبه خوشيءَ جو اظهار نه آهي.

ڪنول: ها ڪا چڱي خبر نه آندي آهي مهاراڻي.

چنتا: يعني.

ڪنول: مون وٽ مهاراجا جو ڪوبه پيغام نه آهي، پر هڪ حقيقت آهي جنهن ڪي بيان ڪرڻو اٿم.

چنتا: ته چئي ڏي. مون ڪي پنهنجي لاءِ ڪابه دلچسپي نه آهي. مهاراج جي حڪم جي پوري پوري تعميل ڪئي ويندي.

ڪنول: مهاراڻي، مون ڪي پنهنجي لفظن تي قابض ٿيڻ جي اجازت عطا فرمائي وڃي.

چنتا: هڪ ماهر شڪاري، پنهنجي شڪار سان ڪيڏندي، اُن ڪي نشانو بڻائيندو آهي. جيئن شڪاريءَ تي شڪار جي سنگدليءَ جو پورو پورو نقش ويهجي وڃي. تون پنهنجي راڻيءَ سان ڳالهائي رهيو آهين، جنهن جي دل جي گهراين ۾ جذبات جي جوش اڳ ۾ ئي لاهه ۽ چاڙهه پيدا ڪري ڇڏيا آهن.

ڪنول: مون ڪي به پنهنجي جذبات تي، قبضي ڪرڻ لاءِ، هڪ اهڙي صبر جو سامان پيدا ڪرڻو آهي جنهن سان اوهان جي



جذبات ۾ سڪون پيدا ڪري سگهان.

چنتا: مان هڪ ذرو آهيان، جنهن ڪي سج کان روشني ملي رهي آهي، جيڪڏهن ان ۾ ڪا گهٽتائي اچي وئي آهي ته اِهي گهٽتايون ذري جي قسمت ۾ تقدير اڳ ۾ لکي ڇڏيون آهن مان خوشيءَ ۽ غم جي دولت ڪي گهڻو اڳ لُٽائي چڪي آهيان هان چئي ڏي.

ڪنول: مهاراج اڄ صبح سان جهنگ ۾ شڪار تي ڪيو. سندس ساٿي ڪجهه دور نڪري ويا، اوچتو (ترسي ٿو)

چنتا: هان ڪنول، تون چپ ٿي وئين، اميد ۽ خوف جي هندوري ڪي لوڏيندي، ان جي جهوٽي ڪي بند ڪرڻ مان خوف جو ئي اظهار ٿيندو آهي.

ڪنول: اوچتو هڪ شينهن نڪري آيو، اُن خبيث جانور مهاراجا تي حملو ڪري ڏنو، مهاراج اُن سان وڙهندو رهيو. انهيءَ ڪان اڳي جو مهاراجا جا رفيق موقعي تي اچن، شينهن مهاراج جي هٿن ڪان مارجي ويو مگر..

چنتا: اهو غير معمولي شجاعت جو ڪارنامو آهي، هاڻي شايد ڪو جشن ملهائجي رهيو آهي، يا ڪنهن نئين سير ڪي ترتيب ڏنو ويو آهي، مون ڪي اُن لاءِ ڪابه شڪايت نه آهي.

ڪنول: نه ڪنهن جشن جي تياري آهي نه ڪنهن سير جو ذڪر، شينهن جي ڏنل زخمن ڪان مهاراج به جان بر ٿي نه سگهيو. هيءَ قبا اُن تاجدار جي آهي.

چنتا: افسوس مهاراج جي غير حاضريءَ ۾، منهنجي حواسن ۾ به ڪمزوري اچي وئي آهي. هاڻي ته نه پورو ٻڌي ٿي سگهان

نہ ڏسي ٿي سگھان. جنھن جي دامن سان منھنجي سھاڳ جو تاج جھڳ مڳ ڪري رھيو ھو. ڪمبخت دل جو وسوسو صحيح نڪتو. جلندڙ واريءَ جي سفر ۾ تن من جلي رھيو ھو. قسمت سان وڻ جي ڇانوَ ميسر ٿي ھئي، مگر افسوس منھنجي بدقسمتي جي طوفان ان کي پاڙوُن پٽي ڇڏيو. ھڪ منھنجي بد نصيبي ھر رھگذر کي بہ سايہ کان محروم ڪري ڇڏيو. ھان ترس ڪنول.

(چنتا وڃي ٿي)

ڪنول: افسوس (پاڻ سان) افسوس ڪيڏي نہ غلطي ڪيم.

(چنتا موٽي اچي ٿي)

چنتا: پونرو ماڪ جي داڻي جي ھوس ۾ ڪنول جي دل ۾ ويٺو. مگر ڪنول، شاخ کان ئي جدا ٿي پيو. منھنجي تمنائن جو طلسم ٽُٽي پيو آھي. مھاراج جي موت غير فاني زندگي تان پردو ڪڻي ورتو آھي، گرھڻ کان نڪتل چنڊ جي جھڪي جھڪي جوت نظر اچي رھي آھي، ھان ھو ڪير آھي جو زندگيءَ جي دروازي کي کڙڪائي رھيو آھي. ھان آيس.

(جلدي ۾ پاڻ کي خنجر ھڻي ٿي)

ڪنول: ھيءَ ڇا ٿي ويو، ڪملا، ڪملا ڊوڙ.

(ڪملا ڊوڙندي اچي ٿي)

ڪملا: نردئي ڪنول تو ھي ڇا ڪيو. مينديءَ جي درياھ ۾ ھڪ سھاڳڻ تري رھي آھي.

ڪنول: مھاراج مون کي جلاد جو فرض سپرد ڪري، منھنجي ھٿن



مان تلوار کي تہ کسي ورتو ھو، مگر، مرڻ واري جلاد جي منت کان سواءِ پنھنجي آرزو ۾ تڪميل ڪئي آھي، منھنجو دماغ گردش ۾ آھي ۽ منھنجي دل لرزي رھي آھي.

(مھراڻ اچي ٿو)

مھراڻ: ڪنول ھي مان ڇا ڏسي رھيو آھيان.

ڪملا: مھاراڻي دنيا کان موڪلائي وئي مھاراج.

مھراڻ: ھڪ عظيم حادثو، وفا ۽ مروت جون اکيون بند ٿي چڪيون آھن. منھنجي اُميد جي عمارت ڊھي پئي. ان جو وري تعمير ٿيڻ مشڪل آھي جھڙي ريت خزان جي موسم ۾ پن ٽاريءَ تي لرزندو آھي، اھڙي طرح قلب اندر جي گھراين ۾ ڦٿڪي رھيو آھي. دماغ جي مٿاڇري تي جا صدمي جي تصوير نقش ٿي وئي آھي. ان جو مٽجڻ ناممڪن آھي. ھاڻي ھيءَ جسم جو آشيانہ، محفوظ بڻجي ويو آھي.

(ڪمار اچي ٿو)

ھو ڪير آھي جو ٿڙندو ۽ ٿاٻڙندو اَچي رھيو آھي.

ڪملا: ڪير ڪمار.

مھراڻ: ڪمار

ڪمار: انڌو فقير مھاراج، جو پنھنجي اَن داتا کان دور ٿي، دنيا جون ٺوڪرون کائيندو رھيو، اُن پکيءَ وانگر جو شام جي اونداھيءَ ۾ ٻي اَمن جي جاءِ نہ ڏسي ڦڙ ڦڙائيندو ۽ ڊڄندو، پنھنجي واھيري ڏي موٽندو آھي پھتو آھيان.

مھراڻ: تون نھايت دير سان پھتين ڪمار، تنھنجي وفاداريءَ جي

کھاڻي ان کان ٻڌي هيم. جنھن جي لاش تي روئي رهيو آهيان، تنھنجي بي نور اکين ۾ اهو نور آهي، جنھن جي صداقت کان دنيا کي روشني ملندي رهندي.

ڪمار: ڇا مهاراڻي چنتا به هن فريب ڀريل دنيا کان رُسي وئي.

مهراڻ: هاڻ آرام ۾ آهي، وفا ۽ مروت جو پيڪر، مون کي سندس ننڊ جو احترام ڪرڻ گھرجي، ائين نه ٿئي ته منھنجي گفتگو کان سندس آرام ۾ خلل پوي. هيءَ رات ۽ ڏينھن جو سلسلو ائين ئي هلندو رهندو. غم ۽ خوشي جي شور کان دنيا ڀري رهندي مگر حقيقت ۾ اِهو غوغا بي معنيٰ ۽ خالي آهي. دنيا جي اسٽيج تي انساني زندگيءَ جا لاتعداد تماشا ڪيڏيا ويندا مگر هميشه وفا ۽ صداقت ئي زنده جاويد رهندي. هان هو ستارو مون کي سڏي رهيو آهي. هو چنتا جو مقدس روح آهي.

(پاڻ کي خنجر هڻي ٿو)

ڪنول: مهاراج... مهاراج...

ڪمار: مهاراج.

ڪملا: افسوس ڪيڏو نه دلگداز واقعو.

مهراڻ: آه... آه. مان اَبدي حيات... غير فاني زندگي.

ڪمار: هيءُ ڇا ٿيو. منھنجيون اکيون ڏسي نه ٿيون سگھن، مگر هو درياهه پنھنجي موجن سان وهي رهيو آهي، هو به سخي آهي ۽ مهراڻ به سخي. مهراڻ جي وهڪري ۾ ئي نجات آهي.

(مهراڻ جي لاش جي مٿان ڪري ٿو ۽ خنجر ڪڍي اُتي ٿو)

(پاڻ کي ماري ٿو)



ڪنول: منھنجون اکيون ڇا ڏسي رهيو آهن. ڇا صداقت ۽ وفا جي مندر جي ڇانئٺ تي پنھنجي خون جي ئي قرباني ڏيڻي پوندي آهي ۽ اها ئي سرخروئي آهي.

(هو به پاڻ کي ماري ٿو)

(پردو ڪِري ٿو)

❊

پورو ٿيو